REG NO. 3833
ABC Certified
روزاني
سنڌيار
سکر
ايڊيٽر: اعجاز مهر
www.dailysindhyar.com
sindhyarskr@gmail.com
(جلد 02) اربع 27 مارچ 2024ع بمطابق 16 رمضان المبارڪ 1445ھ (قيمت 10 روپيا) شمارو: 302

ڪي پي ۾ دهشتگردي، داسو ڊيم ويندڙ گاڏي تي آپگهاتي حملو، 5 چيني انجنيئرن سميت 6 ڄڻا مارجي ويا

خيبرپختونخوا جي ضلعي شانگلا جي علائقي بشام آپگهاتي حملي آور بارود سان ڀريل گاڏي چيني انجنيئرن جي گاڏي سان ٽڪرائي ڇڏي، گاڏي اسلام آباد کان ڪوهستان وڃي رهي هئي

چيني انجنيئر اسلام آباد کان داسو ڊيم وڃي رهيا هئا، آپگهاتي حملي ۾ پنج چيني شهرين سميت 6 ڄڻا مارجي ويا، آپگهاتي حملي ۾ مارجي ويلن ۾ هڪ عورت پڻ شامل

دهشتگردن بارود سان ڀريل گاڏي چيني مسافرن جي گاڏي سان ٽڪرائي، واقعي کانپوءِ علائقي کي سيڪيورٽي فورسز گهيري هيٺ آڻي ڇڏيو، سيڪيورٽي فورسز جو بشام ۾ سرچ آپريشن جاري

صدر آصف علي زرداري ۽ وزيراعظم شهباز شريف پاران بشام ۾ چيني شهرين تي حملي جي سخت مذمت، چيني شهرين جي موت تي گهري ڏک ۽ افسوس جو اظهار

وفاقي گهرو وزير محسن نقوي ڌماڪي کان ترت پوءِ چيني سفارتخاني پهچي ويو، چيني سفير سان ملاقات، محسن نقوي چيني سفير کي ڌماڪي جا سمورا تفصيل ۽ فوٽيجن بابت آگاهه ڪيو

ڪي پي جي وڏي وزير علي امين گنڊاپور پاران پڻ شانگلا آپگهاتي حملي جي مذمت، اڄ جي ڪان واقعي جي رپورٽ طلب ڪري ورتي، ڌماڪي جي زخمين کي فوري طبي امداد جي فراهمي يقيني بڻائڻ جي هدايت

شانگلا (م د) خيبرپختونخوا جي ضلعي شانگلا جي علائقي بشام آپگهاتي حملي ... چيني انجنيئر اسلام آباد کان داسو ڊيم ... 02

جنهن قوم جي معيشت مضبوط هوندي آهي ان جو آواز ٻڌو ويندو آهي: شهباز شريف

سڀ کان وڌيڪ ٽيڪس ادا ڪندڙ پاڪستانين جي لاءِ بليو پاسپورٽ ۽ پاڪستان آنرز ڪارڊ جاري ڪيو ويندو ۽ وڌيڪ ٽيڪس ڏيندڙن ۽ برآمد ڪندڙن کي ملڪ جي اعزازي سفير جو درجو ڏنو ويندو

ايماندار ۽ محنتي ٽيڪس ڪوليڪٽرز جي لاءِ پڻ ايوارڊ جي تقريب منعقد ڪئي ويندي، پاڪستان کي درپيش معاشي حالتن ۽ چئلينجز کي منهن ڏيڻ جي لاءِ نجي ۽ سرڪاري شعبي کي گڏجي اڳتي وڌڻو آهي

ڪاروباري طبقي جي لاءِ اهڙو سازگار ماحول ناهڻو آهي جنهن جي ذريعي اهي پنهنجي شعبي ۾ محنت ڪري پاڪستان کي معاشي ترقي جي ڊوڙ ۾ تيزي سان پنتي رهجي ويندڙ فاصلن کي طئي ڪرڻو آهي

ڪاروبار ڪرڻ حڪومت جو ڪم نه آهي پر حڪومت جو ڪم سازگار ماحول ۽ سهولتون فراهم ڪرڻ آهي، حڪومت جو ڪم مشاورتي عمل سان پاليسي سازي ۽ ان تي عملدرآمد ڪرڻ آهي

وڌيڪ ٽيڪس لڳائڻ فائديمند نه آهي، ٽيڪس سليب ۾ گهٽتائي جي ضرورت آهي جڏهن ته ان ۾ موجود ڪوتاهيون ختم ڪرڻيون پونديون، ان جي لاءِ جدت رکندڙ ٽيڪس قدمن جي ضرورت آهي

2700 ارب رپيا ڪيسن جي ڪري التوا ۾ آهن، اسان ٽربيونلز ۾ ايماندار ماڻهو ڪٺي اچون جيڪي ميرٽ تي فيصلا ڪن، سالن تائين ڪيس نه اينگهايا وڃن: تقريب کي خطاب

اسلام آباد (م د) وزيراعظم محمد شهباز شريف سڀ کان وڌيڪ ٽيڪس ادا ڪندڙ ... ايماندار ۽ محنتي ٽيڪس ڪوليڪٽرز جي ... 04

عدليا ۾ مداخلت، 6 ججن جو جوڊيشل ڪائونسل کي خط

عدالتي معاملن ۾ انٽيليجنس ادارن جي مداخلت وڌي وئي آهي جنهن سان عدليا جي آزادي سخت متاثر ٿي رهي آهي: جج

ڪوڊ آف ڪانڊڪٽ ۾ اهڙي صورتحال ۾ معاملو نمٽائڻ بابت رهنمائي نٿي ملي، اوهان جي رهنمائي جي ضرورت آهي

ٻڌايو ته ڇا ڪريون؟ خط ۾ اها تجويز به ڏني وئي آهي ته سپريم ڪورٽ سيني هاءِ ڪورٽس جو اجلاس گهرائي گڏيل راءِ سان فيصلو ڪيو وڃي

... انٽيليجنس ادارن جي مداخلت وڌي وئي آهي ... 2 نمبر 01

صوبائي حڪومتون يتيم ٻارن جي پرائمري ۽ سيڪنڊري تعليم جي لاءِ خصوصي قدم کڻن: صدر آصف علي زرداري

اسان جي حڪومت، ڪي نه هٿايو وڃي ته ...

03

ڪا تربت ويجهو نيول ايئربيس تي حملي جي ڪوشش ناڪام، 4 دهشتگرد مارجي ويا

... پي اين ايس صديق ايئربيس تربت تي دهشتگردن جو حملي جي ڪوشش کي ناڪام بڻايو ويو: آءِ ايس پي آر

... اثاثن جي حفاظت يقيني بڻائيندي سيڪيورٽي فورسز وقت سر اثرائتو جواب ڏئي حملي جي ڪوشش ناڪام بڻائي

... گڏيل ڪليئرنس آپريشن ۾ چار دهشتگرد مارجي ويا، فائرنگ جي ڏي وٽ ۾ ايف سي بلوچستان جي سپاهي شهادت ماڻي

ويجهو نيول ايئر بيس تي گذريل رات دهشتگرد ... 10

اسلام آباد: وزيراعظم شهباز شريف چيني سفير سان ملاقات ڪندي

دي آءِ خان ۾ سيڪيورٽي فورسز جو آپريشن، 4 دهشتگرد مارجي ويا

فورسز دي آءِ خان ۾ دهشتگردن جي موجودگي جي اطلاع تي آپريشن ڪيو، هٿيار، ڌماڪيدار مادو هٿ ڪيو ويو

مارجي ويل دهشتگرد سيڪيورٽي فورسز خلاف ڪارروايون ۽ شهرين جي قتل ۾ ملوث هئا

علائقي ۾ دهشتگردن کي ختم ڪرڻ لاءِ سينيٽائزيشن آپريشن ڪيو پيو وڃي: آءِ ايس پي آر

ديرا اسماعيل خان (م د) سيڪيورٽي فورسز ديرا اسماعيل خان ۾ آپريشن دوران ڇهن دهشتگردن ... دوران /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 06

... برطانوي هاءِ ڪمشنر جي صوبائي وزير شرجيل ميمڻ سان ملاقات، ٻه طرفن لاڳاپن تي خيالن جي ڏي وٺ

... صوبائي وزير شرجيل انعام ميمڻ پنهنجن کاتن جي ڪاميابين بابت به برطانوي هاءِ ڪمشنر کي آگاهي ڏني

... برطانوي هاءِ ڪمشنر پاران عوامي فلاح ۽ بهبود جي رٿائن تي سنڌ حڪومت جي ڪاوشن جو اعتراف، پنڪ بس سروس جي ساراهه ڪئي

... پاڪستان سيڙپڪاري لاءِ هن وقت تمام موزون ملڪ آهي، غير ملڪي سيڙپڪار پاڪستان اچن ۽ هتي سيڙپڪاري ڪن: صوبائي وزير

مونى /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 11

صدر سان وزيراعظم جي ملاقات، مختلف معاملن تي ڳالهيون

ملڪ جي مجموعي سياسي ۽ معاشي صورتحال تي خيالن جي ڏي وٺ

ملڪ کي پيش مسئلن مان ڪڍڻ لاءِ گڏيل عزم جو اظهار به ڪيو ويو

شهباز شريف ملڪ جي مجموعي سياسي ۽ معاشي صورتحال تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي ... صدر آصف علي زرداري ۽ وزيراعظم ... ملاقات ڪئي آهي ... صدر /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 14

ڊجيٽلائيزيشن سان اوڳاڙين ۾ واڌ ۽ نظام ۾ شفافيت ايندي: محمد اورنگزيب

ايف بي آر جي حوالي سان بحث ۾ وچڙ بدران اسان نئين سر تنظيم جي سلسلي ۾ فوري طور تي عمل ڪيو

اسان ڪنسلٽنٽس به مقرر ڪيا آهن، ملڪ جي ترقي لاءِ سڌي ريٽ ٽيڪس ۽ برآمدي شعبا اثر آهن

اسلام آباد (م د) ناڻي واري وفاقي وزير محمد اورنگزيب چيو آهي ته ڊجيٽلائيزيشن سان اوڳاڙين ... تقريب /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 07

ڪراچي: صوبائي وزير شرجيل انعام ميمڻ سان برطانوي هاءِ ڪمشنر ملاقات ڪندي

وزيراعظم پاران تربت نيول ايئر بيس تي دهشتگردن جو حملو ناڪام بڻائڻ تي سيڪيورٽي فورسز کي خراج تحسين پيش

اسلام آباد (م د) وزيراعظم محمد شهباز شريف ... 13

ڦرجي واردات تي لاڳاپيل ايس ايڇ او معطل ٿيندو: ضياءُ لنجار

آءِ جي چارج سنڀالي آهي، جلد ڪراچي ۾ صورتحال تبديل ٿيندي نظر ايندي

اسٽريٽ ڪرائمز تي ڪنٽرول لاءِ جنگي بنيادن تي قدم کڻي رهيا آهيون

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ جي گهرو وزير ضياءُ لنجار اعلان ڪيو آهي ته جتي به ڦرجي واردات ٿيندي ته لاڳاپيل ايس ايڇ او معطل ٿيندو ۽ ان خلاف ڪارروائي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 08

پرڏيهي وزير محمد اسحاق ڊار سان ترڪيه جي سفير جي ملاقات

اسلام آباد (م د) پرڏيهي وزير محمد اسحاق ڊار سان ترڪيه جي سفير ڊاڪٽر مهمت پاچاجي ملاقات /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 09

پيپلزپارٽي جا 2 اميدوار سينيٽ چونڊ تان هٿ کڻي ويا

گهنور اسراڻ ۽ جاويد ناياب لغاري پنهنجا نامزدگي ڪاغذ واپس ورتا

عورتن جي سيٽ لاءِ پ پ جي روبينا قائم خاني ٽڪيٽ جمع ڪرائي

تان پيپلز پارٽي ... جاويد ناياب ... 15

وزيراعظم شهباز شريف چيني سفارتخاني پهتو، چيني شهرين جي مارجڻ تي تعزيت جو اظهار

دهشتگردي واقعي جي ذميوارن کي سخت سزا ڏينداسين: وزيراعظم شهباز شريف جي چيني سفير کي خاطري

واقعي جي اعليٰ سطحي جاچ ڪري ذميوارن ۽ سهولتڪارن کي سخت کان سخت سزا ڏينداسين: وزيراعظم

پاڪ چين دوستي کي نقصان پهچائڻ جي اهڙي ڪوشش کي ڪامياب ٿيڻ نه ڏينداسين: سفارتخاني ۾ ڳالهيون

اسلام آباد (م د) وزيراعظم شهباز شريف چيني سفارتخاني پهچي ويو جتي هن چيني سفير ... اظهار /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 16

اپيليٽ ٽربيونل پرويز الاهي کي چونڊ وڙهڻ جي اجازت ڏئي ڇڏي

پرويز الاهي پ پ 32 تان نامزدگي ڪاغذ رد ڪرڻ جو قدم چئلينج ڪيو هو

اپيليٽ ٽربيونل پرويز الاهي جي پٽ مونس الاهي جا به نامزدگي ڪاغذ منظور ڪري ورتا

لاهور (م د) اپيليٽ ٽربيونل پنجاب جي اڳوڻي وڏي وزير ۽ پي ٽي آءِ صدر پرويز الاهي کي ضمني اليڪشن وڙهڻ جي اجازت ڏئي ڇڏي، پرويز /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 13

سنڌ حڪومت بابت ماڻهن جو تاثر سٺو ناهي، هاڪاري انداز ۾ تبديل ڪرڻو پوندو: سعيد غني

صوبائي وزير سعيد غني جي صدارت هيٺ لوڪل گورنمينٽ جي آفيسرن جو تعارفي اجلاس ٿيو

سڀ آفيسر وقت جي پابندي ڪندي حاضري يقيني بڻائن، جتي به عام ماڻهو جو ڪم پوي ته اتي سهولتون فراهم ڪيون وڃن

بائيوميٽرڪ سسٽم لڳائي سسٽم کي سينٽرلائيز ڪيو وڃي، سيني ڪائونسلز جي ماهوار رپورٽ تيار ڪري ڪاپي مون کي به موڪلي وڃي

ڪراچي (م د) صوبائي وزير سعيد غني جي صدارت هيٺ لوڪل گورنمينٽ جي آفيسرن جو ... سولنگي، /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 20

سينيٽر طلحه محمود جي يو آءِ ڇڏي پيپلز پارٽي ۾ شامل

قومي سطح تي عوام لاءِ نڪرڻو آهي، ان لاءِ پ پ کان بهتر هن وقت ڪو آپشن ناهي: طلحه محمود

طلحه محمود جي پ پ ۾ اچڻ ڪيون ٿا، ڪي پي مان وڌيڪ ماڻهو رابطي ۾ آهن ۽ جلد پ پ ۾ شامل ٿيندا: فيصل ڪريم ڪنڊي

اسلام آباد (م د) جمعيت علماءِ اسلام (ف) جو سينيٽر طلحه محمود پ پ ۾ شامل ٿي ويو ... اعلان /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 17

اسلام آباد: وفاقي وزير احسن اقبال اجلاس جي صدارت ڪندي

بنا ڪنهن فرق جي ڌاڙيلن ۽ ڌوهارين خلاف آپريشن اٽل بڻجي چڪو آهي: نثار کهڙو

سنڌ حڪومت امن امان تي ڪنهن به قسم جي مصلحت نه ڪندي ۽ هر صورت ۾ امن بحال ڪرايو ويندو

ڌوهارين پاران وارداتون سنڌ حڪومت، پوليس ۽ قانون لاڳو ڪندڙ ادارن جي رٽ کي چئلينج ڪرڻ جي برابر آهن

ڌوهارين جي خاتمي سان گڏوگڏ ڌاڙيلن کان جديد هٿيار هٿ ڪري انهن جي ٺڪاڻن کي پڻ ختم ڪيو وڃي

لاڙڪاڻو (رپورٽر) پيپلز پارٽي سنڌ جي صدر نثار کهڙو چيو آهي ته سنڌ ۾ امن امان جي خراب صورتحال /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 21

لاڙڪاڻو: پ پ اڳواڻ نثار کهڙو تقريب کي خطاب ڪري رهيو آهي

ڪنڊڪوٽ ويجهو ٻن ڌرين ۾ فائرنگ، نوجوان مارجي ويو

گبلو ٿاڻي جي حد ڪچي واري علائقي ۾ جعفري برادري جي ٻن ڌرين ۾ جهيڙو

اطلاع تي حد ٿاڻي جي پوليس پهچي مقتول نوجوان جو لاش ڪڻائي سول اسپتال آندو

ڪنڌ ڪوٽ (رپورٽر) ڪنڊڪوٽ ويجهو ٻن ڌرين ۾ فائرنگ دوران نوجوان مارجي ويو گبلو ٿاڻي جي حد ڪچي واري علائقي ۾ جعفري برادري /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 18

پرڏيهي سيڪريٽري سائرس سجاد جو روس جي سفارتخاني جو دورو، ماسڪو ۾ دهشتگرد حملي ۾ قتلام تي پاڪستان پاران تعزيت جو اظهار

اسلام آباد (م د) پرڏيهي سيڪريٽري سائرس سجاد قاضي اسلام آباد ۾ روسي فيڊريشن جي سفارتخاني /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 19

معصوم ٻار ڙا اسان جو روشن مستقبل آهن: ناصر حسين شاهه

ايندڙ وقت ۾ هي ٻار سنڌ جي اهم عهدن تي خدمتون سرانجام ڏيندا

رمضان المبارڪ رحمتن، برڪتن ۽ مغفرتن جو مهينو آهي: تقريب کي خطاب

سکر (بيورو رپورٽ) منصوبابندي ۽ ترقي واري سنڌ جي وزير سيد ناصر حسين شاهه چيو آهي ته معصوم ٻار ڙا روشن مستقبل آهن، سوئيٽ هوم انتظاميه /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 25

ڪراچي ۾ اسٽريٽ ڪرائم تي ضابطي لاءِ وري شاهين فورس کي فعال ڪرڻ جو فيصلو

ڪراچي (رپورٽر) ڪراچي ۾ اسٽريٽ ڪرائم تي ڪنٽرول لاءِ وري شاهين فورس کي فعال ڪرڻ جو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 22

عمران خان کي ڪجهه به ٿيو ته ذميواري اسٽيبلشمينٽ مٿان هوندي: بشريٰ بي بي

گذريل ڏينهن تي اڊيالا جيل پيشي جي لاءِ آيس ته بني گالا ۾ منهنجي ماڪي ۾ ڪجهه ملايو ويو هو

عمران خان ذهني ۽ جسماني طور تي مڪمل فٽ آهي، جيڪڏهن انهي کي ڪجهه به ٿيو ته عوام انهن کي معاف نه ڪندو

پي ٽي آءِ باني اقتدار ۾ ۽ اقتدار کان پوءِ ڪڏهن به ڪنهن کي نقصان نه پهچايو ۽ نه ڪنهن کي مارڻ جو چيو هو بدلو وٺڻ نٿو چاهي

راولپنڊي (م د) اڳوڻي وزيراعظم عمران خان جي گهر واري بشريٰ بي بي الزام لڳائيندي چيو آهي ... عدالتي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 26

ڪراچي: پوليس مقابلي دوران ڦورن جي فائرنگ ۾ عورت مارجي وئي

پوليس ٻن موٽر سائيڪل سوار ڦورن جي پٺيان لڳي ته ڦورن فائرنگ ڪئي

ڪراچي (رپورٽر) ڪراچي جي علائقي اورنگي ٽائون ۾ قطر اسپتال پرسان پوليس مقابلي دوران ڦورن جي فائرنگ ۾ عورت مارجي وئي، پوليس موجب /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 24

شانگلا واقعي جي مذمت، سڄي قوم يڪجهتي لاءِ چيني ڀائرن سان گڏ بيٺي آهي: آءِ ايس پي آر

گوادر، تربت ۽ بشام ۾ دهشتگردي جي واقعن جو مقصد داخلي سلامتي جي صورتحال کي غير مستحڪم ڪرڻ آهي

پاڪستان ۽ اسٽريٽيجڪ اتحادين، خاص طور چين ۾ اختلاف پيدا ڪرڻ جي شعوري ڪوشش ڪئي پئي وڃي

راولپنڊي (م د) پاڪ فوج شانگلا جي علائقي بشام ۾ چيني شهرين سميت 6 ڄڻن جي مارجڻ واري واقعي جي مذمت ڪندي چيو آهي ته سڄي قوم پنهنجي چيني ڀائرن سان يڪجهتي لاءِ بيٺي آهي، پاڪ فوج بيان جاري ڪندي چيو آهي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 31

ايمرجنسي آپريشن سينٽر سنڌ پاران مخصوص علائقن ۾ پوليو مهم شروع

مهم جيڪب آباد، شڪارپور، قمبر، ڪشمور، لاڙڪاڻو، سکر، گهوٽڪي ۽ خيرپور ۾ شروع ڪئي وئي

مهم جي شروعات ارشاد علي سودر پاران شيخ زيد چلڊرن اسپتال لاڙڪاڻي ۾ ڪئي وئي

لاڙڪاڻو (د ر) بلوچستان ۾ پوليو وائرس ڪان متاثر ٻارن جي تعداد ۾ اضافي کان پوءِ ايمرجنسي آپريشن سينٽر سنڌ پاران مخصوص علائقن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 23

سکر پوليس ۽ ڌوهارين ۾ مبينه مقابلو: 2 ڦورو مارجي ويا، وارثن جو لاش پريس ڪلب آڏو رکي ڌرڻو

ايئرپورٽ حدن جي ڊپٽي جو ٻاغ وٽ سعيد آباد لنڪ روڊ تي پوليس ۽ ڌوهارين وچ ۾ مقابلو ٿيو: سکر پوليس

نون برادري جي متاثر عورتن ۽ مردن مارجي ويلن جا لاش پريس ڪلب آڏو رکي ڌرڻو، گرفتار ڪري ٻن ڄڻن کي ماريو ويو: وارث

سکر (رپورٽر) سکر ۾ پوليس ۽ ڌوهارين وچ ۾ ... 32

ٽيرف وڌائڻ مجبوري آهي نه ته گئس ڪمپنيون بند ٿي وينديون: اوگرا چيئرمين

اهو تاثر درست ناهي ته آءِ ايم ايف دٻاءُ تي گئس اگهه وڌايا پيا وڃن، اها درخواست ڪمپنين جا خرچ ۽ سرڪلر ڊيٽ وڌائڻ سبب آئي

درخواست تي اسان جا ماهر غور ڪندا، ضروري ناهي ته مڪمل واڌ ڪيون پر جيڪا به واڌ ٿيندي اها جولاءِ کان لاڳو ٿيندي

اسٽيڪ هولڊرن ۽ صنعتڪارن تجويز ڪيل واڌ جي سخت مخالفت ڪئي، عام ماڻهو، ڪمرشل ۽ صنعتي واپيدار گئس بل ڏيڻ لائق ناهن رهيا

لاهور (م د) آئل اينڊ گئس ريگيوليٽري اٿارٽي (اوگرا) جي چيئرمين مسرور احمد خان چيو آهي ... سوئي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 27

لاڙڪاڻو: اي او سي جو صوبائي ڪوآرڊينيٽر ارشاد علي سودر پوليو مهم جو افتتاح ڪندي

ڪوئلي جي کاڻ ۾ ڪم ڪندڙ مزدورن لاءِ حفاظتي قدم بهتر بڻايا وڃن: ايڇ آر سي پي

پشاور (پ ر) پاڪستان ۾ انساني حقن جي ڪميشن (ايڇ آر سي پي) جي سربراهي ۾ هڪ نيڪٽ فائنڊنگ مشن نشاندهي ڪئي آهي ... /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 33

اسلام آباد: وفاقي وزير جام ڪمال سان وفاقي وزير رانا تنوير حسين ملاقات ڪندي

اسلام آباد: وفاقي وزير خواجا آصف اجلاس جي صدارت ڪندي

اي ايس پي شهربانو کي قائداعظم پوليس ميڊل ڏيڻ جو فيصلو، فيصلو پنجاب ڪابينا ڪندي

لاهور (م د) اڇره واقعي ۾ عورت جي جان بچائيندڙ اي ايس پي شهربانو کي قائداعظم پوليس ميڊل ڏيڻ جو فيصلو ڪري ورتو اي ايس پي شهربانو کي قائداعظم پوليس ميڊل ڏيڻ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 28

نئين آءِ ايم ايف پروگرام کان اڳ پي آءِ اي جي نجڪاري جو فيصلو

جون تائين پي آءِ اي جي نجڪاري لاءِ ايل او آءِ جاري ڪري سگهجي ٿو

جون يا جولاءِ دوران نجڪاري جو پراسيس مڪمل ڪيو ويندو: فيصلو

اسلام آباد (م د) نئين آءِ ايم ايف پروگرام کان اڳ پي آءِ اي جي نجڪاري جو فيصلو ڪيو ويو ... قومي ايئرلائين (پي آءِ اي) جي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 35

تربت ڊسٽرڪٽ جيل ۾ نوجوان قيدي آپگهات ڪري ڇڏيو

24 ورهين جي جهانزيب ڳچي ۾ ڦاهو وجهي آپگهات ڪيو: انتظاميا

لاش تربت ٽيچنگ اسپتال ۾ طبي معائني ڪانپوءِ وارثن حوالي

تربت (م د) تربت جي ڊسٽرڪٽ جيل ۾ قتل جي ڪيس ۾ قيد نوجوان قيدي ڦاهو کائي آپگهات ڪري ڇڏيو جيل اختيارين ... مدد /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 30

ملڪ جي مختلف حصن ۾ تيز هوائن، ڪنوڻ ۽ گجگوڙ سان برسات جي اڳڪٿي

ڪراچي (رپورٽر) موسميات کاتي ملڪ جي مختلف حصن ۾ تيز هوائن، ڪنوڻ ۽ گجگوڙ سان برسات جي اڳڪٿي ڪندي چيو آهي ته اولهه هوائن جو سلسلو 27 مارچ تي ملڪ جي اولهه حصي ۾ داخل ٿيندو، موسميات کاتي هڪ پيرو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 29

محسن نقوي جي نگران ڪابينا جو وزير پي سي بي سليڪشن ڪميٽي ۾ شامل

بلاول افضل سليڪشن ڪميٽي ۾ ڊيٽا اينالسٽ هوندو: پي سي بي ذريعا

ڊائريڪٽر انٽرنيشنل عثمان واهلا سليڪشن ڪميٽي جو سيڪريٽري هوندو

لاهور (م د) محسن نقوي جي نگران ڪابينا جو وزير بلال افضل قومي ڪرڪيٽ ٽيم جي سليڪشن ڪميشن ۾ شامل ٿي ويو بلال افضل /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 36

گم ٿيل شهرين جون تصويرون پرنٽ ۽ اليڪٽرانڪ ميڊيا تي شايع ڪيون وڃن: سنڌ هاءِ ڪورٽ

سنڌ هاءِ ڪورٽ ۾ ڪراچي جي مختلف علائقن مان گم ٿيل ماڻهن جي بازيابيءَ بابت درخواستن تي ٻڌڻي

شهرين جي بازيابي لاءِ ملڪ جي مختلف حراستي مرڪزن ۽ ٻين ادارن کي خط موڪليا ويا آهن: جاچ آفيسر

جي آءِ ٽي ۽ صوبائي ٽاسڪ فورس جا ڪيترائي اجلاس به ٿي چڪا آهن پر اڃا تائين شهرين جو ڪو به پتو نه پيو آهي

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ هاءِ ڪورٽ ۾ ڪراچي جي مختلف علائقن مان گم ٿيل ماڻهن جي ... نعمت /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 34

ايس ايس پي ٺٽو جي هدايتن تي منشيات فروشن خلاف وٺ پڪڙ تيز

پوليس جي ڪارروائي ۾ 200 ڪلو آئرن راڊون _ واردات ۾ استعمال ٿيندڙ هڪ ٽرڪ _ هل هتاچي مشين هٿ

پوليس جي ڪارروائي ۾ 2 موٽر سائيڪلون ۽ 2 گيس ڪٽر هٿ ڪري مک جوابدار گرفتار ڪري ورتو

سي آءِ اي پوليس ٺٽو مڪلي، ڏاڀيجي، ساڪرو، جهمپير، جهرڪ ۽ گهڳو پوليس مختلف هنڌن تي ڪارروايون ڪيون

ٺٽو (رپورٽر جاويد لطيف ميمڻ) ايس ايس پي ٺٽو ڊاڪٽر محمد عمران خان جي حڪم تي ٺٽو پوليس پاران ڏوهارين خلاف ڪارروايون جاري. 200 ڪلو آئرن راڊون _ واردات ۾ استعمال ٿيندڙ هڪ ٽرڪ _ هل هتاچي مشين _ 2 موٽر سائيڪلون ۽ 2 گيس ڪٽر هٿ ڪري مک جوابدار گرفتار ڪري ورتو تفصيلن موجب گذريل رات پوليس کي اطلاع مليو تہ انچاتل جوابدار پوليس/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 01

ڏڙو جا رهواسي ڪنڊڪوٽ مان اغوا، وارثن تصديق ڪري ڇڏي

ڀهراڙي ڳوٺ جيلاني جو رهائشي غلام مصطفيٰ پنهنجي پيڻ رضيه سميت اغوا ڪيو ويو

ٽي ڏينهن اڳ غلام مصطفيٰ آرائين پيڻ رضيه سان گڏجي ڪنڊڪوٽ رشتو ڏسڻ آيا هئا

ڪنڊڪوٽ (رپورٽر: امداد بنگوار) ڏوڙ واسي پاءُ پيڻ ڪنڊڪوٽ مان اغوا وارثن پاران اغوا ٿيڻ جو تصديق، ڏوڙ جي ڀهراڙي ڳوٺ جيلاني جو رهائشي غلام مصطفيٰ پنهنجي پيڻ رضيه سميت اغوا ٿي ويو ٽي ڏينهن اڳ غلام مصطفيٰ آرائين/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 02

ڪنڊڪوٽ: ڳوٺ جيلاني واسي اغوا ٿي ويل پاءُ ۽ پيڻ

گڏاپ ٽائون ۾ جانورن جي ٽيڪي جي چونگيءَ تي ڪي ايم سي انتظاميه طرفان قبضي جي ڪوشش، جهيڙو

گڏاپ ٽائون جي ملازمن ۽ علائقي واسن پاران سخت مزاحمت، جهيڙو لٺين ۽ ڏنڊن جو آزادانه استعمال ڪيو ويو، انتظاميه ڀڄي جان ڇڏائي

علائقي جي پ پ ورڪرن پهچي ڪري مزاحمت بعد چونگي کي قبضي کي ايم سي جي قبضي کان بچائي ورتو سخت نعريبازي ڪئي وئي

عدالت جي منع نامي باوجود ڪي ايم ي انتظاميه بيهر زبردستي چڙهائي ڪري چنگي تي قبضي جي ڪوشش ڪئي آهي: طارق عزيز بلوچ

ملير (رپورٽر فاروق پنگوار) گڏاپ ٽائون جي جانورن جي ٽيڪي جي چونگيءَ تي ڪي ايم سي انتظاميه پاران قبضي جي ڪوشش، گڏاپ ٽائون جي ملازمن ۽ علائقي واسن پاران سخت مزاحمت، جهيڙو لٺين ۽ ڏنڊن جو آزادانه استعمال ڪيو انتظاميه ۽ پوليس ڀڄي جان بچائي علائقي جي پ پ ورڪرن پهچي ڪري مزاحمت بعد چونگي کي قبضي کي ايم سي انتظاميه/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 23

سکر ۾ پوليس ۽ ڏوهارين وچ ۾ سخت مقابلو، 2 ڦورو مارجي ويا

ايئرپورٽ حدن جي ڊيپٽي جو باغ وٽ سعيد آباد لنڪ روڊ تي پوليس ۽ ڏوهارين وچ ۾ مقابلو ٿيو: پوليس ترجمان

ايئرپورٽ ٿاڻي جي حد ڊيپٽي جو باغ ويجهو سعيد آباد لنڪ روڊ تي هٿيارٻندن ڦربعد فائرنگ ڪري فرار ٿيڻ جي ڪوشش ڪئي

پوليس جي جوابي ڪارروائي ۾ 2 ڏوهاري مارجي ويا آهن، جن جي سڃاڻپ انور نون ۽ خادم حسين طور ٿي آهي: محمد بخش بلوچ

سکر (رپورٽر: امداد علي گل ڪلوڙ) سکر ۾ پوليس ۽ ڏوهارين وچ ۾ مقابلو، 2 ڦورو مارجي ويا، تفصيل موجب سکر پوليس جي ترجمان محمد بخش بلوچ طرفان جاري ڪيل بيان موجب ايئرپورٽ حدن جي ڊيپٽي جو باغ وٽ سعيد آباد لنڪ روڊ تي پوليس ۽ ڏوهارين وچ ۾ مقابلو ٿيو، جنهن جي نتيجي ۾ انور نون ۽ خادم نون نالي 2 ڏوهاري مارجي ويا آهن. ان حوالي سان/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 03

ڪنڊڪوٽ ۾ رمضان
آرڊيننس جي ڀڃڪڙي
ڪنڊڙن خلاف ڪارروائي

ڪند ڪوٽ (رپورٽر) ڪنڊڪوٽ سٽي ڊي ايس پي ڪنڊڪوٽ شهر ۾ هلندڙ رمضان شريف جي ڀڃڪڙي ڪندڙن خلاف ڪارروائي ڪئي جنهن ۾ گوڪل سوئيٽس ۽ دل پسند سوئيٽس ۽ ٻين جي خلاف ڪارروائي ڪري اي سيڪشن پوليس حوالي ڪري ڇڏيو جنهن کان بعد اي سيڪشن پوليس ۽ سنائي وارن جي وچ ۾ ڊيلنگ/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 05

سکر: پوليس جي مبينا پوليس ۾ مارجي ويل 2 ڦورو

سکر ۾ سيشن ڪورٽ جو ملازم 27 ڏينهن کان پراسرار نموني گم

پاءُ نفيس عرف ڪالو شيخ پنوعاقل ڪورٽ ڊيوٽي تي ويو هو جيڪو اڃان تائين واپس گهر ناهي آيو: پاءُ

اسان جي ڪنهن سان بہ دشمني ناهي سنڌس ڳولا لاءِ متن مائٽن نوڙي واسطيدار ماڻهن سان رابطو ڪيو آهي

سکر (بيورو رپورٽ) سکر واسي نوجوان، سيشن ڪورٽ جو ملازم 27 ڏينهن کان پراسرار نموني گم، مسلسل ڳولا باوجود پتو نہ پيو نوجوان جا گهرڀاتي رب پاڪ کي پاڙائن لڳا. خبرموجب سکرجي سي سيڪشن ٿاڻي جي حد وسپور محلا/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 04

سکر ۾ ايڪسائيز اينڊ نارڪوٽيڪس جي ٽيم جي ڪارروائي، هڪ جوابدار سوگهو

ايڪسائيز ٽيڪسيشن اينڊ نارڪوٽيڪس ڊپارٽمينٽ ڪارروائي ۾ 20 ليٽر کان وڌيڪ ڪچي شراب هٿ، ڪيس داخل ڪيو ويو

ٽيم اي ٽي آئي محمد يونس ڏنڊو جي زير نگراني سٽي پوائنٽ ويجهو ڪارروائي دوران هڪ جوابدار شهباز مغل ويڙهل روهڙي کي گرفتار ڪيو

اعليٰ آفيسرن جي هدايت تي شهر کي منشيات کان پاڪ ڪرڻ جي لاءِ ڪارروائيون جاري آهن ملوث ماڻهن کي ڪنهن بہ صورت ۾ بخش نہ ڪيو ويندو: اختياريون

سکر (رپورٽ: امداد ڪلوڙ) ايڪسائيز اينڊ نارڪوٽيڪس سکر ڊي آئي او ٽيم جي ڪارروائي، هڪ جوابدار گرفتار، 20 ليٽر کان وڌيڪ ڪچي شراب هٿ، ڪيس داخل تفصيل موجب ايڪسائيز ٽيڪسيشن اينڊ نارڪوٽيڪس ڊپارٽمينٽ جي صوبائي وزير شرجيل انعام ميمڻ، سيڪريٽري ايڪسائيز ٽيڪسيشن اينڊ نارڪوٽيڪس ۽ ڊائريڪٽر جنرل/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 24

مانجهند جو پريمي جوڙو
تحفظ لاءِ هاءِ ڪورٽ
حيدرآباد پهتو

ڄامشورو (رپورٽر) مانجهند جو پريمي جوڙو تحفظ لاءِ هاءِ ڪورٽ حيدرآباد ۾ ڪيس داخل ڪيو مسمات بلقيسان زال شبير احمد ڪنبول صحافين سان ڳالهائيندي چيو تہ مان پنهنجي رضا خوشيءَ سان نالي شبير احمد ڪنبول سان پسند جي پرڻو ڪيو آهي منهنجا ۽ منهنجي گهر وارن جو مائٽ اسان جا دشمن ٿي بيٺا آهن اسان کي ڪارو/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 25

سکر: ايڪسائيز پوليس پاران گرفتار ڪيل جوابدار ۽ هٿ ڪيل ڪچو شراب

راڻيپور ۾ سچل سرمست جي عرس جون تقريبون: ملهه ملاکڙو ۽ محفل موسيقي منعقد

رجب سهراب فقير، سلامت سهراب فقير، صنم ماروي، طفيل سنجراڻي، وزير علي شاهه، ضامن علي، رخسانه سورٺ فن جو مظاهرو ڪيو

شبانه سورٺ، استاد عبدالغفور سومرو، شريف عباسي، مارول گروپ، علي گل بلوچ زبير لاڙڪ اياز، استاد گل، معصوم مختيار، فرزانه بهار، شهزادو ڪانڌڙو بہ فن جو مظاهرو ڪيو

راڳين سچل جو ڪلام ڳائي پانڌيئڙن کي جهومائي ڇڏيو، هر طرف سرمستي ۽ حق موجود جي صدائون، دارازه شهر ڳيڙو رنگ ۾ رنگجي ويو

راڻيپور (رپورٽر گل جامڙو) درازن ۾ دولهه دارزي صوفي شاعر ۽ بزرگ حضرت عبدالوهاب المعروف سچل سرمست جي ساليانو 203 عرس مبارڪ جون رنگا رنگ تقريبون جاري محفل موسيقي ۾ رجب سهراب فقير، سلامت سهراب/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 07

حيدرآباد هالا ناڪو علي آباد جي
رهواسڻ پٽ کي پوليس پاران گرفتار
ڪري گم ڪرڻ خلاف احتجاج

حيدرآباد (رپورٽر) حيدرآباد هالا ناڪو علي آباد جي رهواسڻ مسمات مريم زال موج علي بروهي پٽ گلزار علي کي پوليس پاران گرفتار ڪري گم ڪرڻ خلاف ڪالهه حيدرآباد پريس ڪلب سامهون احتجاج ڪيو ان موقعي تي مسمات مريم ٻڌايو تہ هٽڙي ٿاڻي جي پوليس اهلڪارن ايس ايس پي جي اسپيشل ڪنڊڙ اهلڪار/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 09

راڻيپور: سچل سرمست جي عرس جي موقعي تي فنڪار فن جو مظاهرو ڪري رهيا آهن

ٽنڊو باگو ۾ پريا ڪماري جي بازيابي لاءِ احتجاج

سول سوسائٽي جي اڳواڻن ويرو مل موروائي، انور علي جمالي جي اڳواڻي ۾ احتجاج ڪيو ويو

پريا ڪماري جي بازيابي لاءِ سڄي سنڌ سراپا احتجاج بڻيل آهي: مظاهرو ڪندڙن جون ڳالهيون

ٽنڊو باگو (رپورٽ رفاقت جروار) ٽي سال سنگرار مان اغوا ٿيل هندو نياڻي پريا ڪماري جي بازيابي لاءِ ٽنڊو باگو ۾ سول سوسائٽي جي اڳواڻن/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 06

پريا ڪماري آزاد ڪرايو: ميرپور ماٿيلو ۾ احتجاجي مظاهرو

سياسي سماجي تنظيمن نوجوان اتحاد، لاشاري اتحاد جي ماڻهن پاران احتجاج ڪيو ويو

ڊسٽرڪٽ هيڊ ڪوارٽر پريس ڪلب ميرپور ماٿيلو کان ريلي، مظاهرو ڪيو ويو، سخت نعريبازي

ميرپورماٿيلو (رپورٽ) ميرپورماٿيلو ۾ معصوم پريا ڪماري جي بازيابي لاءِ مختلف سياسي سماجي تنظيمن نوجوان اتحاد، لاشاري اتحاد، شهرين، سول سوسائٽي جي ماڻهن پاران ڊسٽرڪٽ هيڊ ڪوارٽر پريس ڪلب ميرپورماٿيلو/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 08

نوشهروفيروز ۾ سنڌ بئنڪ جي مئنيجر خلاف نابينن جو احتجاج

ٽن چئن سالن کان اسان نابينن سان ظلم ٿي رهيو آهي: حافظ غلام رسول ڪلهوڙو

اسان جا آيل ڪروڙين روپيا الاٽي کهڙي کڏ ۾ پيا وڃن مسلسل اسان کي عشر زڪوات وارا لاٽين پيا

نوشهروفيروز (رپورٽر: منظور ملڪ) عشر زڪوات جي سيڪريٽري ۽ سنڌ بئنڪ جي مئنيجر خلاف نابينن جو سخت احتجاج ان موقعي تي ميڊيا سان/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 10

نوشهروفيروز: اکين جي نور کان محروم بڻيل مستحق مطالبن جي مڃتا لاءِ احتجاج ڪري رهيا آهن

بدين ۾ چار سال اڳ قتل ٿي ويل نوجوانن جي وارثن جو انصاف نہ ٿيڻ خلاف احتجاج

وارثن پاران نيشنل پريس ڪلب ۽ ايوان صحافت اڳيان احتجاجي مظاهرو ۽ پريس ڪانفرنس ڪئي وئي

ٻن نوجوانن کي قتل ڪندڙ جوابدارن سرعام گهمي رهيا آهن ۽ بدين پوليس طرفان صاف شفاف انڪوائري ڪرڻ بجائي جوابدارن کي بچايو ويو آهي: وارث

اسان جي نوجوانن جي خون ۾ بااثر پوليس عملدار سرفراز ٽالپر ملوث آهي جيڪو هن وقت اسان کي موتمار ڌمڪيون ڏئي رهيو آهي

بدين (رپورٽ: مرتضيٰ ميمڻ) بدين لڳ ڳوٺ مير الهيجايو ٽالپر ۾ چار سال اڳ قتل ٿي ويل ٻن نوجوانن جي خون سان انصاف نہ ٿيو وارثن پاران نيشنل پريس ڪلب ۽ ايوان صحافت اڳيان احتجاجي مظاهرو ۽ پريس ڪانفرنس، ٻيهر جاچ جو/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 26

بدين: ڳوٺ ميرالهيجايو ٽالپر واسي انصاف لاءِ احتجاج ڪري رهيا آهن

شهيد پوليس عملدار
جي اولاد جو مبينا
زيادتين خلاف احتجاج

ميرپورخاص (رپورٽر) ميرپورخاص گهوٽڪي ۾ شهيد ٿيل ميرپورخاص واسي پوليس عملدار شهيد دين محمد لغاري جي پٽ بلاول لغاري ۽ نياڻين پاران پهچي شهيد دين محمد جي ٻي گهرواري جي مبينا زيادتين خلاف احتجاجي مظاهرو ڪيو ان موقعي تي شهيد پوليس عملدار جي پٽ بلاول لغاري ۽ نياڻين صحافين اڳيان/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 27

حڪومت جي تعاون سان يوٽيلٽي اسٽورن تي رعايتي سامان دستياب آهي: نزاڪت شاهه

وزيراعظم ميان محمد شهباز شريف پاران عوام جي سهولت لاءِ يوٽيلٽي اسٽورن تي 19 اسمن تي خصوصي رعايتي پئڪيج ڏنو ويو آهي

گيهه، تيل، کنڊ، شربت، چانهه پتي، دال ڪجور سميت مختلف اسمن تي رعايتي پئڪيج ڏنو ويو آهي، رش سبب ڪسٽمر کي ڪجهه شيون نہ ٿيون ملن

ميهڙ (رپورٽ) يوٽيلٽي اسٽور گاهي ميهيسر روڊ ميهڙ جي انچارج سيد نزاڪت علي شاهه روزاني برسات سان ڳالهائيندي چيو آهي تہ وزيراعظم ميان محمد شهباز شريف پاران عوام جي سهولت لاءِ يوٽيلٽي اسٽور تي 19 اسمن تي خصوصي رعايتي پئڪيج ڏنو ويو آهي، تہ گيهه، تيل، کنڊ، شربت، چانهه پتي، دال ڪجور سميت مختلف اسمن تي رعايتي پئڪيج ڏنو ويو/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 11

سکر: پي زيڊ پي او غريب خاندانن جي مدد ڪرڻ اڳيري

مستحق خاندانن جي تصوير ڪشي، ويڊيو جو بغير ضرورتمندن ۾ سامان ورهايو آهي: جنيد شيخ

پلاري مهيني ۾ وڌندڙ مهانگائي ۾ غريب خاندانن ۾ امڪاني رليف فراهم ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي

سکر (رپورٽ امداد علي گل ڪلوڙ) پاڪستان زنده آباد پيپلز آرگنائيزيشن (رجسٽرڊ) جي باني ۽ چيئرمين مشهور سماجي اڳواڻ عبدالمجيد پناهٽ چيو آهي تہ الله تعاليٰ جي توفيق سان هر سال جيان هن سال بہ پي زيڊ پي او پاڪستان کي سکر/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 12

سکر: سماجي تنظير پاران مستحقن ۾ راشن تقسيم ڪيو پيو وڃي

سڪرنڊ ۾ جسقم جي سڏ تي پريا ڪماري جي بازيابي لاءِ احتجاج

جسقم اڳواڻن مسعود شاهه، قربان ٻبنيچ، موحن زئونر، فرمان رند ۽ منور سولنگي جي اڳواڻي ۾ احتجاج ڪيو ويو

ملڪ ۾ مضبوط سيڪيورٽي ادارن ۽ پوليس هوندي بہ معصوم نياڻي پريا ڪماري بازياب نہ ٿي سگهي آهي: اڳواڻ

سڪرنڊ (رپورٽ: راج ڪماراوڏ) جيئي سنڌ قومي محاذ جي مرڪزي سڏ تي سڄي سنڌ جيان سڪرنڊ ۾ بہ جسقم پاران معصوم پريا ڪماري جي بازيابي لاءِ قاضي سرفراز ميمڻ چوڪ تي احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو مظاهري کي خطاب ڪندي جسقم اڳواڻن مسعود شاهه، قربان ٻبنيچ، موحن زئونر، فرمان رند ۽ منور سولنگي ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو تہ ملڪ ۾ مضبوط/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 28

نگران دور ۾ سجاول جو ٽيجو ٽائون ڪاميٽي وارو درجو ختم، ملازمن جون پگهارون بند

وارهه شهر ۾ شاهه لطيف لوڪل گورنمينٽ ايمپلائيز يونين جي صدر عبدالحفيظ ڀگهيو، وارهه ٽائون جي شبير سولنگي، عبدالوحيد ڀگهيو جي اڳواڻي ۾ احتجاج ڪيو ويو

ملازمن جي اڳواڻي ۾ تعلقہ پريس ڪلب وارهه اڳيان احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو سجاول ٽائون بحال ڪيو جا زوردار نعرا هنيا ويا

پنج مهينا ٿيا آهن اتان جي ملازمن جون پگهارون بند پيل آهن: عبدالحفيظ ڀگهيو/ شبير سولنگي ۽ عبدالوحيد ڀگهيو

وارهه (رپورٽ) جڏهن کان نگران حڪومت آئي تہ سجاول جوٽيجو ٽائون ڪاميٽي وارو درجو ختم ڪري ڇڏيو، پنج مهينا ٿيا آهن اتان جي ملازمن جون پگهارون بند پيل آهن ان خلاف وارهه شهر ۾ شاهه لطيف لوڪل گورنمينٽ ايمپلائيز يونين جي صدر عبدالحفيظ ڀگهيو، وارهه ٽائون جي شبير سولنگي، عبدالوحيد ڀگهيو ۽ ٻين ملازمن جي اڳواڻي ۾ تعلقہ پريس ڪلب وارهه اڳيان احتجاجي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 13

بدين لڳ ننڍو شهر ۾ خودڪشي ڪندڙ نوجوان جي جاچ نہ ٿيڻ خلاف احتجاج

شهرين ڪنڀار برادري جي نوجوان آصف رضا شاهد ڪنڀار رمضان رجب عطاءالله علي غلام علي احمد ڪنڀار ۽ ٻين سان احتجاج ڪيو

نوجوان شهزاد ڪنڀار جي مبينا خودڪشي ڪرڻ واري واقعي ۾ جوابدارن سميت ننڍو پوليس بہ برابر جي شريڪ آهي: مظاهرو ڪندڙ

شهزاد ڪنڀار کي عمران قاضي ۽ مهر علي شاهه بليڪ ميل ڪيو هو جنهن جي لکت ۾ شڪايت اسان ايس ايس پي بدين ڪئي هئي

بدين (رپورٽ مرتضيٰ ميمڻ) ننڍو شهر جي نوجوان شهزاد ڪنڀار جي مبينا خودڪشي ڪرڻ واري واقعي ۽ ننڍو پوليس طرفان جاچ نہ ڪرڻ خلاف احتجاج تفصيل مطابق ننڍو شهر جي رهواسي نوجوان شهزاد ڪنڀار جي مبينا خود ڪشي ڪرڻ واري واقعي ۾ جوابدارن سميت ننڍو پوليس بہ برابر جي شريڪ آهي اهوئي سبب آهي جو ننڍو ۽ بدين پوليس هن معاملي جي جاچ ڪرڻ لاءِ تيار نہ آهي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 29

ملير ۾ ايس ٽي پي طرفان مختلف قومپرست جماعتن جي اڳواڻن، اديبن جي مان ۾ آجياڻو

ايس ٽي پي سنڌ جي رواداري جي آبياري ڪئي آهي، قومپرست ترين جا هڪ ٻئي سان سٺا لاڳاپا هجڻ تمام سٺو سنوڻ آهي: شمشاد زهراڻي

نظرياتي اختلاف پنهنجي جاءِ تي پر شخصي طور تي اسان کي هڪٻئي کان ويجهو وٺڻ گهرجن هڪ ٻئي جي دعوتن، پروگرامن، احتجاجن ۾ شريڪ ٿياسين تہ منزل پري ناهي

آجياڻي ۾ صنعان خان قريشي، رستم ميراڻي، منان شيخ، پيربخش ٻهلڪاڻي، اصغر سبزوئي، رجب زهراڻي، اصغر باغي، شبير لاکو شرڪت ڪئي

ملير (د ـ ر) ملير ۾ سنڌ ترقي پسند پارٽي طرفان مختلف قومپرست جماعتن جي اڳواڻن، اديبن ۽ شاعرن جي مان ۾ افطار آجياڻو ايس ٽي پي سنڌ جي رواداري جي آبياري ڪئي آهي، قومپرست ترين جا هڪ ٻئي سان سٺا لاڳاپا هجڻ/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 14

ٺٽو پرسان درگاهه مان
چوري ٿيل سولر پليٽون
واپس نہ ٿي سگهيون

ٺٽو (رپورٽ) 3 راتيون اڳ ٺٽي کان 17 ڪلو ميٽر پري ٺٽو وايا جهمپير لنڪ روڊ پرسان جابلو ٽڪري تي قائم درگاهه حضرت سيد سخي شهيد بلاول شاهه ڏوري واري جي مزار تان بہ ڪي نامعلوم چور 3 قيمتي سولر وارون بيٽريون چوري ڪري درگاهه کي اونداهه ۾ ٻوڙي ڇڏيو آهي. پر اڃان تائين حد جي پوليس سميت انتظاميه/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 16

ملير: جسقم چيئرمين صنعان قريشي ۽ ٻيا آجياڻي واري تقريب ۾ شريڪ آهن

ٺاروشاهه ۽ آس پاس ۾ موٽر سائيڪلن جي ڦرن واڌ اچي وئي

نامعلوم ڦورون عبد لجبار پان کان هٿيارن جي زور تي موٽر سائيڪل ڦري ڪري ويا

ٻه ڏينهن اڳ ڳوٺ عظمت ديرو پرسان نامعلوم ماڻهو نظير ڏاهراج کان موٽر سائيڪل ڦري ڪري فرار ٿي ويا هئا

ٺاروشاهه (رپورٽر) ٺاروشاهه ۽ آس پاس ۾ موٽر سائيڪلن جي ڦرن ۾ شديد اضافو ٿي ويو. موٽر سائيڪلون ڦر مليل جاڻ موجب ٺاروشاهه ٻوڏي پيٽرول پمپ پرسان ڪنڇي پل وٽ نامعلوم ڦورون عبد لجبار پان کان هٿيارن جي زور تي موٽر/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 15

پريا ڪماري جي بازيابي لاءِ مانجهند ۾ احتجاج

بازيابي لاءِ جسقم ڪارڪن شاهي بازار مان ريلي ڪڍي مين چوڪ تي ڌرڻو هنيو ويو

گلشير ڪوسو سجاد پيرزادو، اڪرم ڪوسو ايس يو پي اڳواڻ انور مگنهار الطاف ميمڻ جي اڳواڻي ۾ احتجاج ڪيو ويو

مانجهند (رپورٽر: مهراڻ عمراڻي) مانجهند ۾ جسقم جي سڏ تي 22 مهينا اڳ سنگرار جي علائقي مان اغوا ٿيل معصوم ٻارڙي پريا ڪماري جي بازيابي لاءِ جسقم ڪارڪن شاهي بازار مان ريلي ڪڍي مين چوڪ تي ڌرڻو هنيو ويو احتجاج ۾/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 17

مانجهند: اغوا ٿي ويل پريا ڪماري جي بازيابي لاءِ احتجاج ڪيو پيو وڃي

ڪي اين شاهه ۾ جي ڊي اي اڳواڻ پيپلز پارٽي ۾ شامل ٿي ويا

ڪائونسلر شعبان علي ملاح ۽ سيد حسن علي شاهه، خليل احمد انصاري، محمد عيسيٰ ملاح ۾ شموليت ڪئي

شموليت واري تقريب ۾ زبير احمد جوڻيجو، سردار رفيق احمد جمالي، اسد خان جوڻيجو، سجاد خان جوڻيجو شرڪت ڪئي

ڊاڪٽر خليل سڪندر کوهارو، ممتاز علي جوکيو، منظور علي ڪلهوڙو ايڊووڪيٽ ظفر علي ڀگهيو، شفيق الزمان لغاري بہ شرڪت ڪئي

خيرپور ناٿن شاهه (رپورٽر: برڪت علي چانڊيو) خيرپور ناٿن شاهه ۾ جي ڊي اي اڳواڻن طرفان پيپلز پارٽي ۾ شموليت اختيار ڪري ورتي خيرپور ناٿن شاهه وارڊ نمبر 6 جي چونڊيل ڪائونسلر سينيئر قانوندان شعبان علي ملاح ۽ وارڊ/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 30

ڪي اين شاهه: پ پ ۾ شموليت ڪندڙ جي ڊي اي اڳواڻ آجياڻي واري تقريب ۾ شريڪ آهن

اسلام ۾ ڪٿي بہ انهيءَ ڳالهه جي اجازت ناهي تہ
ڪو ماڻهو ڪنهن بہ انسان ذات کي ظلم سان
قيد و بند ڪري رکي: دلبر سائين نقشبندي

لاڙڪاڻو (رپورٽر) سنڌ جي معصوم نينگري پريا ڪماري جي بازيابي لاءِ سنڌ جي ناليواري مشهور درگاهه ماتلي شريف جي گادي نشين پير ڪرم الاهي المعروف دلبر سائين نقشبندي مدني دعا گهرنيندي چيو آهي تہ اسلام ۾ ڪٿي بہ انهيءَ ڳالهه جي اجازت ناهي تہ ڪو ماڻهو ڪنهن بہ انسان ذات کي ظلم سان قيد و بند ڪري/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 31

پگهارون ڏيو: لاڙڪاڻي ۾ ايمپلائيز ويلفيئر ايسوسيئيشن يونيورسٽي آف لاڙڪاڻو جي ملازمن جو احتجاج

لاڙڪاڻي جي سيني ڪئمپسن کي ملائي دي يونيورسٽي آف لاڙڪاڻو جي ناليءَ سان يونيورسٽي ناهي وئي آهي: سراج احمد پتو

ملازمن جون گذريل 4 مهينن کان پگهارون بنا جواز بند ڪيون ويون آهن، اهڙي عمل خلاف يونيورسٽي جي ملازمن احتجاجي تحريڪ شروع ڪئي

احتجاج دوران يونيورسٽي انتظاميه اسان کي خاطري ڪرائي تہ توهان جون سيئي پگهارون جاري ڪرڻ سان گڏ سمورا جائز مطالبا تسليم ڪيا ويندا

لاڙڪاڻو (رپورٽر) لاڙڪاڻي ۾ ايمپلائيز ويلفيئر ايسوسيئيشن يونيورسٽي آف لاڙڪاڻو طرفان چئن مهينن جون پگهارون نہ ملڻ خلاف يونيورسٽي اندر احتجاجي مظاهرو ڪري ڌرڻو هنيو ويو، جتي هٿن هٽن ۾ پلي ڪارڊ کڻي سخت نعريبازي ڪئي وئي. ان موقعي تي يونين جي صدر سراج احمد پتو جنرل سيڪريٽري عبدالجبار چانڊيو ۽ ٻين ميڊيا آڏو ڳالهائيندي چيو تہ/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 18

لاڙڪاڻي ۾ جسقم جي مرڪزي سڏ تي جسقم ۽ جساف طرفان پريا ڪماري جي بازيابي لاءِ احتجاج

جسقم جي ضلعي صدر عزيزالرحمان شيخ، فراز کهاوڙ، راحب سومرو، علي رضا لاشاري، گل محمد جتوئي ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ احتجاج ڪيو ويو

گذريل 18 مهينن کان وٺي معصوم نياڻي پريا ڪماري جو ڪو ڏس پتو ڪونهي، جڏهن تہ سنڌ حڪومت تماشائي بڻيل آهي: اڳواڻ

جيڪڏهن پريا ڪماري جي جاءِ تي ڪنهن ايم پي اي يا ايم اين اي جي ڌيءَ اغوا ٿئي ها تہ ڪيس آزاد ڪرائڻ لاءِ سڄي سنڌ کي بند ڪيو وڃي ها

لاڙڪاڻو (رپورٽر) لاڙڪاڻي ۾ جسقم جي مرڪزي سڏ تي جسقم ۽ جساف طرفان معصوم نياڻي پريا ڪماري جي آزادي لاءِ پريس ڪلب اڳيان احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو جتي هٿن هٽن ۾ تنظيمي جهنڊا کڻي نعريبازي پڻ ڪئي ان موقعي تي جسقم جي ضلعي صدر عزيزالرحمان شيخ، فراز کهاوڙ، راحب سومرو، علي رضا لاشاري، گل محمد جتوئي ۽ ٻين چيو تہ گذريل 18 مهينن/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 32

پ پ جي سنڌ حڪومت سنڌ جي زمينن ۽ قدرتي وسيلن کي تين وال ڪيو آهي: ڏاڏا قادر راٽنو

سنڌ جي عوام کي وسيلن جي مالڪي ڪرڻي پوندي، سنڌ حڪومت نئين ضلعي جي ڪنهن نامعلوم جڳهه تي زمين ڏيڻ لاءِ تيار آهي

پاڪستان پيپلز پارٽي طرفان سنڌ جي زمينن ۽ ٻين قدرتي وسيلن کي جنهن رفتار سان تين وال ڪيو پئي ويو

وفاقي صنعت واري وزارت پاڪستان ڪار ۽ مشينري زون پرائيوٽ لميٽيڊ لاءِ هڪ هزار ايڪڙ زمين سنڌ حڪومت کان گهري وئي آهي

ٺٽو (رپورٽر جاويد لطيف ميمڻ) عوامي تحريڪ وفاق پاران ٺٽي ضلعي جي هڪ هزار ايڪڙ زمين تي ڪار ۽ مشينري زون ڏاهڻ واري فيصلي کي رد ڪندي چيو آهي تہ پ پ جي سنڌ حڪومت سنڌ جي زمينن ۽ قدرتي وسيلن کي تين وال ڪيو آهي، سنڌ جي عوام کي وسيلن جي مالڪي ڪرڻي پوندي. ان سلسلي ۾ عوامي تحريڪ جي مرڪزي اڳواڻ ڏاڏا قادر راٽنو ضلعي ٺٽي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 20

باهو ڪوسو لڳ 14 ڏينهن
اڳ قتل ٿي ويل جو چرپيلي
جو فيصلو ڪيو ويو

ٺل (رپورٽر) ٿاڻي جي حد بولو ڪلر وٽ 14 ڏينهن اڳ ڦر دوران مزاحمت تي هٿيارٻندن هٿان قتل ٿيل جوان چرپيلي جي ساک ڏني وئي جوابدار سرور جتوئي مبينا ڏوهي قرار ڏنو ويو جڏهن تہ باهو ڪوسو ٿاڻي جي حد ۾ 12 ڏينهن اڳ هٿيارٻندن سان مذاحمت تي بگٽي قبيلي جو نوجوان جاويد بگٽي شهيد ٿي ويو هو جنهن جي ايف/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 21

ٺٽو: عوامي تحريڪ جو اڳواڻ ڏاڏا قادر راٽنو ۽ ٻيا پريس ڪانفرنس ڪري رهيا آهن

پڊعيدن: سينيئر صحافي عدالت مان ڏوهه ثابت نہ ٿيڻ تي بري

صحافي حيدر بخش پلهه دهشتگردي واري ڪيس مان باعزت بري ٿي ويو

صحافي حيدر بخش پلهه کي 27 اپريل 2022ع تي مبينا طور ڪنيي گرفتار ڪيو ويو هو

پڊعيدن (رپورٽر) پڊعيدن پريس ڪلب جو جوائنٽ سيڪريٽري حيدر بخش پلهه ۽ صحافي عمران چانڊيو دهشتگردي ڪيس ۾ ڏوهه ثابت نہ ٿيڻ تي عدالت پاران باعزت بري ڪري ڇڏيو. پڊعيدن ڪوشش اخبار جو رپورٽر صحافي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 19

ڪوٽڙي خورشيد ڪالوني واسي جو حيدرآباد ۾ احتجاج

نوجوان جي قاتلن جي گرفتاري لاءِ حيدرآباد پريس ڪلب سامهون احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو

اسان جو پاءُ محمد عمران جيڪو رڪشا هلائيندو هو جنهن کي بااثر جوابدارن قتل ڪيو آهي: رهواسي

حيدرآباد (رپورٽر) ڪوٽڙي جي علائقي خورشيد ڪالوني جي رهواسين نوجوان جي قاتلن جي گرفتاري لاءِ حيدرآباد پريس ڪلب سامهون احتجاجي مظاهرو ڪيو مظاهري جي اڳواڻي ساجد قلبوڙو ۽ ٻيا ڪري رهيا هئا، ان موقعي تي هنن الزام/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 22

سڪرنڊ لڳ ڳوٺ جي پرائمري اسڪول ۾ پڙهائي دوران ڇت جا چاپڙ ڪرڻ لڳا

ٻارن ۾ خوف هراس پکڙجي ويو چاپڙ ڪرڻ روز جو معمول بڻجي ويو سوين شاگردن جو ساهه مٺ ۾ اچي ويو

ڪنهن بہ وقت وڏو جاني نقصان ٿي سگهي ٿو پر هن طرف تعليم کاتي جي ذميوار عملدارن توڙي چونڊيل نمائندن ڌيان ناهي ڏنو: ڳوٺاڻا

اسڪول ايندڙ شاگردن جون زندگيون خطري ۾ آهن ڪافي شاگرد اسڪول اچڻ کان لنوائڻ لڳا آهن: استاد نور محمد انڙ جون ڳالهيون

سڪرنڊ (رپورٽر: راج ڪماراوڏ) سڪرنڊ تعلقي جي قديمي ڳوٺ 21 دڏ جي پرائمري اسڪول ۾ نبي بخش ٽنڙي ۾ پڙهائي دوران ڇاپڙ ڪري پيا معجزي طور معصوم شاگرد نقصان کان بچي ويا جنهن سان ٻارن ۾ خوف هراس پکڙجي ويو چاپڙ ڪرڻ روز جو معمول بڻجي ويو سوين شاگردن جو ساهه مٺ ۾ آهي ڪنهن بہ وقت وڏو جاني نقصان ٿي سگهي ٿو پر هن طرف تعليم کاتي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 33

سڪرنڊ: زبون حال بڻيل اسڪول ۾ ٻار تعليم حاصل ڪري رهيا آهن

شاهه لطيف يونيورسٽي جو
وائيس چيئرمين سچل سرمست
جي مزار تي پهتو

هنگورجا (رپورٽر) سچل سرمست ايمپلائيز ايسوسيئيشن شاهه لطيف يونيورسٽي خيرپور وائيس چيئرمين عطا حسين ناريجو پنهنجي وفد سان گڏجي حضرت سچل سرمست جي مزار تي چادر چاڙهي جنهن بعد سنڌ جي امن خوشحالي لاءِ دعائون گهريون سنڌس ڇوڻ هيو تہ سچل سرمست پينل پنهنجي پورهيت ساٿين جي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 34

*** روزاني سنڌيار سکر پبلشر سم پرنٽنگ پريس بي آر ٽاور چندريگر روڊ ڪراچي مان ڇپرائي سکر آفيس گهر نمبر سي 92، دهلي مسلم هائوسنگ سوسائٽي ايئرپورٽ روڊ سکر مان پڌري ڪئي وئي ***

ايڊيٽر: اعجاز مهر

روزاني
سنڌيار
Daily SINDHYAR
www.dailysindhyar.com

اربع 27 مارچ 2024ع

قانون به آ سنڌ مان موڪل تي هليو ويو؟!

دنيا جي مختلف ايجادن ۽ شين تي 'واٽر پروف' يا 'شاڪ پروف' لکيل هوندو آهي پر دنيا ۾ شايد اسان جا ئي واحد حڪمران آهن، جيڪي 'احتجاج پروف' آهن. ڪيڏا به ڪٺي احتجاج ٿين، سڄي سنڌ اٿلي پوي پر هي جيڪي پاڻ کي هن دنيا جو بي پرواهه بادشاهه سمجهن ٿا. اهي انهن احتجاجن کي ليکي ۾ ئي نٿا آڻين. اهي سمجهن ٿا ته هي ۽ خلق ڇا ڪندي؟ دنيا ۾ وري معاملوئي مختلف آهي. اتي جا حڪمران ۽ انتظاميا عوام جي مزاج جي موسم جو اندازو احتجاجن مان لڳائي وٺندا آهن ۽ وقت سر معاملا حل ڪندا آهن ته جيئن معمولي مسئلو به ڪو اڳتي هلي 'اِشو' نه بڻجي. هونئن به گورننس جي پرک جي ڪسوٽي عوام جو اطمينان آهي. جڏهن عوامي احتجاج وڏي پيماني تي ٿيندا هجن ته اهي عوام جي بي اعتمادي کي ظاهر ڪن ٿا. هن وقت به سڄي سنڌ ۾ پريا ڪماريءَ کي بازياب ڪرائڻ لاءِ احتجاج هلن پيا. شايد ئي جو اهڙو شهر يا ڳوٺ هجي، جتي ان معصوم مغوي ٻارڙيءَ جي آزاديءَ لاءِ احتجاج نه ٿيندو هجي پر اسان جا بيحس حڪمران ان معاملي کي سنجيده وٺڻ لاءِ تيار نه آهن.

شايد انهن سياستدانن جا نسل ئي ناياب ٿي ويا، جيڪي عوام کي طاقت جو سرچشمو سمجهندا هئا. هاڻي ته عوام انهن جي اڳيان اهڙي مشين بڻيل آهي، جنهن جو ڪم ووٽ جي نيڪي ڪري ويسر جي کوهه ۾ اڇلائي ڇڏڻ آهي. اصل ڳالهه اها آهي ته انتهائي شعبديبازيءَ سان اهڙيون اٽڪلون استعمال ڪيون پيون وڃن جو عوام کي محتاج ۽ محڪوم رکي ان کي خيرات تي هيرايو ويو آهي. حڪمران عوام جي ڪاوڙ کان شايد واقف ناهن، جنهن ڪاوڙ جا طوفان هر شيءِ کي ڪک پن وانگر اڏائي ويندا آهن. تخت ڊاهي ڇڏيندا آهن. عوام جي ڪاوڙ آڏو ڪا به شيءِ جٽاءُ نه ڪري سگهندي آهي. حڪمرانن اها ڳالهه وساري ڇڏي آهي ته عوام جي ٻانهن ۾ ڇٽ، پٽن سان هٿڻ جيترو ٻَل موجود آهي. حڪمرانن حڪمرانيءَ کي دلپشوري سمجهيو آهي ۽ اهي ان جي سرور ۾ ايترا ته مسرور آهن، جو انهن کي اندازو ئي نه پيو ٿئي ته عوام جي ڪاوڙ جو سونامي هر شيءِ لوڙهي ڇڏيندو. حڪمرانن ماڻهن کي ڌاڙيلن ۽ اغواڪارن جي رحم ڪرم تي ڇڏي ڏنو آهي. سکر جي سنگرار واري علائقي مان اغوا ٿيل معصوم نياڻي پريا ڪماريءَ کي اغوا ٿئي ٻن سالن کان وڌيڪ وقت ٿي ويو آهي پر اقتدار جي خمار ۾ مخمور منتظمين ان کي بازياب ڪرائڻ جي ضرورت ئي محسوس نٿا ڪن. صرف پريا ڪماري ئي نه. ڪجهه ڏينهن اڳ شڪارپور واري علائقي مان 8 سالن جو معصوم ٻارڙو مهربان علي پيٽي گهران شيءِ وٺڻ لاءِ نڪتو ته واپس نه موٽيو ۽ اغواڪارن وارثن کي فون ڪري 50 لک رپيا ڀنگ طلب ڪيو آهي ۽ نه ڏيڻ جي صورت ۾ ٻارڙي کي قتل ڪرڻ جي ڌمڪي ڏني آهي پر نئون انتظاميا کي ڪا به پرواهه ناهي. ايس ايس پي جو ڇترجهڙو بيان سامهون آيو آهي، جيڪو چوي ٿو ته ٻارڙو اغوا نه پر گم ٿيو آهي. سوچڻ جي ڳالهه اها آهي ته ڌاڙيلن ڪچي مان اچي شڪارپور مان ٻارڙو ته اغوا نه ڪيو هوندو! ظاهر آهي ته انهن جو منظم نيٽ ورڪ آهي، جيڪو ڪم پيو ڪري. هاڻي ڌاڙيل صرف ڪچي تائين محدود ناهن. هاڻي اهي جتي به چاهين، ان نيٽ ورڪ ذريعي واردات ڪري ٿا وڃن. عوام حڪمرانن کي مينڊيٽ ڏنو آهي پر جڏهن حڪومت عوام جو تحفظ به نه ڪري سگهي ته اها عوامي مينڊيٽ جي توهين نه آهي ته ڀلا ٻيو ڇا آهي؟ ڪجهه ڏينهن اڳ پوليس سميت سمورن ڪاتن ۾ ڀڙڪ مچايو ويو. نون منترين پنهنجي پسند جا ۽ اعتماد وارا ڪامورا مقرر ڪرايا پر نتيجو ڪهڙو نڪتو، اهو سڀني جي سامهون آهي. هاڻي ته سنڌ جي حڪمرانن کي سنڌن گهر موجب آءِ جي پوليس مقرر ٿي مليو آهي پر انهيءَ باوجود سنڌ جي امن امان جي حالت ڏينهون ڏينهن ابتر ٿيندي وڃي. انتظامي عملدارن جي وس ۾ امن امان جي بحالي نه آهي ته اهي منجو ڇڏين ۽ پنهنجي نااهلي جو واضح اعتراف ڪن.

سنڌ ۾ شديد احتجاج طرز حڪمرانيءَ تي نه صرف بي اعتماديءَ جو اظهار آهن پر گڏوگڏ انهن مان سنڌ جي ماڻهن جي ڪاوڙ ۽ اضطراب جو پڻ پتو پوي ٿو. ضرورت ان ڳالهه جي آهي ته پريا ڪماري ۽ معصوم مغوي مهربان علي پيٽي سميت اغوا ٿيل سمورن ماڻهن کي آزاد ڪرايو وڃي. سنڌ ۾ امن امان جون حالتون بهتر ڪيون وڃن. گهرو ڪاتي کي تحرڪ وٺي عوام جي جان ۽ مال جي تحفظ کي يقيني بنائڻ گهرجي.

عيد خرچي جو چرچو ٿي وڃي

رحمت الله ٻرڙو

اهو انساني سماج جي ٿيل مشاهدي تي چئي سگهجي ٿو ته ڪنهن به وڏي خوشي جي ڏهاڙي تي ننڍن ٻارڙن کي خرچي ڏيندي آهي ۽ وڏن کي تحفا ۽ مٺائي پهچائي خوشيءَ جو اظهار ڪيو ويندو آهي.

اهڙي ئي نموني ان خرچيءَ کي توهان گهر جي ڪنهن خوشيءَ سان ڳنڍي سگهو ٿا. ان خوشيءَ ۽ خرچيءَ جو استعمال ثقافتي ۽ مذهبي ڏينهن تي به ٿيندو رهندو آهي.

جنهن کي توهان عيد خرچي به چئي سگهو ٿا. خاص طور اسان جي هن ايشيا کنڊ ۾ مسلمان رمضان شريف جي عيد ۽ قربانيءَ واري عيد وڏي جوش جذبي سان ملهائيندا آهن.

ايئن ئي هندو مذهب وارا ڏياري، هولي کي وڏي جذبي ۽ عقيدي سان ملهائيندي هڪ ٻئي کي تحفا، مٺايون پهچائيندا ۽ ڪارائيندا آهن. اهڙي ريت عيسائيت وارا ڪرسمس کي وڏي ڌام ڌوم سان ملهائي ٻارڙن کي خرچيون ۽ رشتيدارن کي تحفا پهچائيندا آهن.

اها ڳالهه روايتي، ثقافتي ۽ عقيدتن هجي به ان تي ڪو اعتراض ڪرڻ مناسب ڪونه ٿيندو پر اسان جي هن ايشيا کنڊ ۾ خاص طور برصغير جي تاريخ بيرحم آهي.

اوهان مغلن جي حڪومتي دور کان وٺي انگريز حڪمران دور ۽ هندستان جي هندو حڪمرانن جي تاريخ کوليندا ته اوهان کي عيد خرچيءَ جو سرڪاري تصور به ملندو.

مثال طور مغل بادشاهه پنهنجي دور ۾ عيد ڏهاڙن جي عيد خرچي پنهنجي سرڪار جي ماتحتن کان تحفي طور وصول ڪندا هئا.

اهڙي طور انگريز سرڪار جا ڊپٽي ڪليڪٽر، ڪليڪٽرز ۽ ڪمشنرز آبادگارن، زميندارن کان عيد خرچيون وٺندا هئا ۽ روينيو آفيسرز ان ڪليڪشن کي گڏ ڪرڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪندا هئا ۽ تمام وڏا زميندار توڙي آبادگار ڪين کي سٺو تحفا ڏيندا هئا ۽ انگريز سرڪار جي خوشنودي حاصل ڪرڻ جو اهم ذريعو هوندو هئو.

ان سلسلي ۾ جڏهن سنڌ جي حڪومتي ۽ انتظامي عملدارن جي سالن پوڻان حڪمت عمليءَ جو جائزو ورتو ويو ته هتي به مجموعي طور ملڪي ۽ ٻين صوبائي حڪمرانن ۽ آفيسر شاهيءَ وانگر مغل حڪمرانن، انگريز حڪمرانن وانگر عيد خرچيءَ واري روايت کي بجاءِ گهٽائڻ جي جمهوريت جي نالي تي وڌيڪ عوام تي بار وجهڻ لاءِ رمضان المبارڪ مهيني کي عيد خرچي مهينو ڪري ڀرپور نموني ملهايو ويندو آهي.

ان روايت جو فائدو وٺندي انگريز سرڪار جي ڪليڪٽرز، ڊپٽي ڪليڪٽرز کان ويندي ڪمشنرز کي مات ڏئي ڇڏي آهي.

هڪ ننڍڙو مثال ٽريفڪ پوليس جو آهي ته ڊي آءِ جي ٽريفڪ پنهنجو بيان جاري ڪندي چيو آهي ته ٽريفڪ پوليس وارا گاڏين وارن کي شام جي وقت روزن ۾ تنگ نه ڪن ۽ نه ئي گاڏين جو چالان ڪن.

حيرت جي ڳالهه آهي ته جي پنجين وڳي کان ستين وڳي تائين چالان نه ڪندڙ عملدارن صبح سان گاڏين جي وٺ پڪڙ ڪري شام واري ڪسر به ڪڍي ڇڏين ٿا.

هي ننڍڙو مثال ئي ڪافي ناهي، انکان علاوه نئين آيل سنڌ حڪومت جي ڪابينا وزيرن ۽ وزيراعلي اچڻ سان ئي رمضان المبارڪ مهيني کي عيد خرچي گڏ ڪرڻ لاءِ سيڪريٽريز جون تيزيءَ سان ٿيل بدليون ۽ مقرريون، سيڪريٽريز پاران پنهنجي ماتحتن کان بريفنگ جي نالي تي عيد خرچيون يا وري بدليون مقرريون ڪرڻ وارا نوان ٽريند عيد خرچيءَ جو هڪ بهترين جديد نمونو پڻ آهن.

هڪ محتاط اندازي موجب سنڌ حڪومت ۾ سيڪريٽريٽ گروپ جي آفيسرز، سيڪشن آفيسرز، ڪمشنرز، ڊپٽي ڪمشنرز، روينيو آفيسرز، انڪم ٽيڪس آفيسرز، ترقياتي اٿارٽيز جي ڊائريڪٽرز جنرلز، ايڪسائيز ۾ منشيات، ۽ غير قانوني پليٽ نمبرز گاڏين کان ويندي فينسي شيشن واري گاڏين جي پڪڙ پڻ عيد خرچيءَ جو بهانو بڻايو وڃي ٿو. جنهن جي عيد خرچي پڻ 2 ارب روپين کان گهٽ نه هوندي.!!

سيڪريٽريٽ گروپ جي آفيسرشاهيءَ ۽ حڪومتي نمائندن جي وچ ۾ هڪ اهم ڪردار ادا ڪندڙ ذريعي جو چوڻ آهي ته هن عيد خرچي مان صوبائي حڪمرانن وزيرن، صلاحڪارن ۽ تڪ جي ايم اين ايز ۽ ايم پي ايز جون ۽ سندس بيگمات جون ۽ سيڪريٽريز سطح جي آفيسر شاهيءَ جي گهرن جون خريداريون ۽ دبئي، سعودي عرب ۽ يورپ ياترائون به ٿين ٿيون.

تازو گذريل ڏينهن جي هڪ ڇرڪائيندڙ خبر آهي ته سڄي سنڌ ۾ ڊسٽرڪٽ آفيسرز اڪائونٽنٽس جون بدليون ۽ مقرريون ڪيون ويون آهن. جنهن ۾ قربان نوناري ۽ شڪيل احمد ٻرڙو کي ٿرپارڪر، عبدالله بجاراڻي کي حيدرآباد ۾ اڪائونٽنٽ مقرر ڪيو ويو، آدم راهپوٽو کي مٽياري، ۽ ڪامل مورو کي شهيدبينظير آباد ۾ اڪائونٽنٽ ڪري رکيو ويو. اهڙي طرح احسان راهوجو کي جيڪب آباد، شاهنواز دادو، امان الله جمالي کي ڪشمور ۾ اڪائونٽنٽ طور مقرر ڪيو ويو. ان نموني روزانو جي بنياد تي عيدالفطر جي اچڻ تائين حڪمران حلقا ۽ مٿين آفيسر شاهيءَ جي اها عيد خرچي گڏ ڪرڻ جي پريڪٽس جاري رهندي.

ان سلسلي ۾ اها به ڄاڻ ملي آهي ته عدالت جا زميوار به گهٽ ڪو نه آهن اهي به مغل سهنشاهه ۽ انگريز سرڪار جيان عيد روايت واري خرچي گڏ ڪرڻ ۾ گهٽ ناهن.!!

ان سلسلي ۾ وفاقي حڪومت کان ويندي ٻين صوبائي حڪمرانن ۽ آفيسر شاهيءَ جو ساڳيو ڪم آهي چوته عيد خرچيءَ طور مشهور مهينو ڀورو رمضان الشريف جو هنن کي ملي وڃي ٿو جڏهن ته اها پريڪٽس قربانيءَ واري عيد تي گهٽ ڏسڻ وٽان ايندي آهي.

ضرورت ان ڳالهه جي آهي ته بجاءِ غريب مسڪين ۽ پنهنجي شهريءَ کي رمضان المبارڪ جهڙي برڪتن ڀري مغفرت واري مهيني ۾ ڪووڊو ريليف ڏجي پر هتي مهانگائيءَ جو راڪاس ۽ عيد خرچيءَ جي نالي ناجائز هٽ ڪس ۽ پٽ جيئڻ جنجال ڪري وڌو آهي.

گذريل ڏينهن جي ئي هڪ ٻي خبر حيران ڪندڙ نذر مان گذري آهي ته سنڌ ۾ ترقياتي بجيٽ 56 سيڪڙو به خرچ نه ٿي سگهي! انوان منصوبا عمل ۾ نه آيا ٻيون رٿائون به متاثر.

مالي سال 2023 ۽ 2024 دوران اي ڊي پي پروگرام لاءِ رکيل 366 ارب روپين مان سنڌ حڪومت رڳو 160 ارب روپيا خرچ ڪيا!! 10 مهينن ۾ ترقياتي بجيٽ جا 218 ارب روپيا جاري ٿيڻ باوجود مڪمل خرچ نه ٿيا.

ان ڳالهه مان اندازو لڳائي سگهجي ٿو ته سنڌ جو حڪمران ۽ ڪرپٽ آفيسر شاهي ڪيتري نه نااهل آهي ۽ پنهنجي جيب خرچي يا شاهه خرچين گڏ ڪرڻ تي اچن ٿا ته ڪيئن نه عيد خرچيءَ جي نالي تي عوام کان قرلت ڪن ٿا.

انهيءَ ايڏي وڏي سادي ڳالهه کي سمجهڻ لاءِ ڪنهن عربي فارسيءَ کي سمجهڻ جي ضرورت ناهي.

ان ڪري انهيءَ عيد خرچيءَ واري ڳالهه مان هڪ محتاط اندازي موجب پوري ملڪ مان گهٽ ۾ گهٽ 15 ارب روپين جي عيد خرچي گڏ ڪري پنهنجا شاهي خرچ ۽ بيگمات جون خريداريون پڻ ڪيو وڃن ٿيون.

جڏهن ته صوبائي بجيٽ جيڪا عوامي ڀلائيءَ ۾ خرچ ايندي جنهن مان به هنن جي ڪرپشن جو حصو نڪرندو آهي سا ڪرپٽ روپيا استعمال نه ٿيڻ سبب واپس هلي ٿي وڃي پر ڪرپٽ نااهل ان جو وقت سر جائز استعمال نه ڪري عوام سان، ادارن سان صوبي سان ڌارين کان بهبدتر سلوڪ روان رکيو ويندا آهن جنهن جا نتيجا انتهائي ڀيانڪ نڪري سگهن ٿا.

تڙي طبيبنِ، گهايل گهران ڪَڍيو:
چِڪيا چاڪَ چِيهُون ڪري، ڪَڙيون مور نه ڪَنِ:
دوستَ جي درسنَ سين، ڀَڃئي ڦار ڦَٽَنِ:

پريا ڪماري جي گمشدگي وارو معاملو

آزاد مهر

سکر جي علائقي سنگهرار مان 9 محرم الحرام تي ڪربلا جي شهيدن کي پيتا پيش ڪندي مذهبي مٿيد کي شڪست ڏئي انسانيت جو علم ڪٽي سبيل هلائيندڙ هندو معصوم نينگري پرياڪماري کي 31 مهينا گذري ويا پر هن مهل تائين، معصوم پريا ڪماري کي سکر پوليس بازياب نه ڪرائي سگهي آهي، پرياڪماري جو خاندان جيڪو هندو مسلم مذهبن جي فرقي پرستي کي ڇڏي انسانيت پرستي ۽ ڪربلا جي شهيدن کي حقيقي شهيد سمجهي سندن محبت ۾ هر سال سکر ويجهو سنگهرار ۾ سبيل لڳائي ڪربلا جي شهيدن کي پيتا پيش ڪرڻ سان گڏ عقيدت ۽ محبت جو اظهار ڪندو هو اتي ظالم ماڻهن 9 محرم الحرام جي ڏينهن سبيل هلائي ڪربلا جي شهيدن جي عشق ۾ نڪتل قافلن جي اڄ مٿائي انسانيت کي زنده ڪرڻ لاءِ ٻيٺل معصوم نياڻي پرياڪماري کي اغوا ڪيو جنهن جو هن وقت تائين ڪو به ڏس پتو نه پئجي سگهيو آهي

معصوم نينگري جي بازيابي عمل ۾ نه اچڻ سبب سنڌ هاءِ ڪورٽ بينچ ڪراچي جو موجوده چيف جسٽس احمد علي شيخ پاران نوٽيس وٺي ان وقت جي آءِ جي سنڌ مشتاق مهر کي شارٽ وقت ۾ نينگري جي بازيابي عمل ۾ آڻڻ واري حڪم نامي باوجود سکر توڙي سنڌ پوليس معصوم جو پتو لڳائڻ ۾ ناڪام رهي، نينگري کي سال گذري وڃڻ باوجود ۽ ان واقعي بعد سکر ضلعي ۾ ڪيترن ئي ايس ايس پيز جي اچڻ باوجود هن وقت تائين نينگري جو ڪو به ڏس پتو نه پئجي سگهيو آهي جنهن ڪري سندس والد ۽ والده ذهني توازن وڃائڻ واري حد تائين پهچي ويا آهن ۽ سکر پوليس سميت سنڌ سرڪار مان آسرو لاهي سنڌ جي بزرگن جي مزارن تي رهائش اختيار ڪئي آهي جيڪا افسوس جوڳي ڳالهه آهي، جڏهن ته نينگري جي امڙ سنڌ حڪومت توڙي اعلي عملدارن کي روئيندي جهوليون ڪڍي پنهنجي معصوم نينگري جي بازيابي لاءِ منٿون ڪرڻ تي مجبور آهي ڪيترائي ڀيرا معصوم نينگري جي والدين سان رابطو ڪري ڪين موقف وٺڻ جي ڪوشش دوران سندن حالت ڏسي ڪجهه پڇڻ بجاءِ پوئتي هٽڻ تي مجبور ٿيڻو پيو آهي

معصوم پرياڪماري جي بازيابي لاءِ مختلف سياسي سماجي تنظيمن توڙي هندو برادري پاران مسلسل احتجاج ڪيا ويا پر انهن احتجاجن جو سنڌ پوليس توڙي حڪومت سنڌ تي ڪو به فرق نه پيو آهي ۽ پوليس معاملي کي هڪ طرفو ڪري ڇڏيو آهي، پرياڪماري جي اغوا بابت پوليس پاران اها پڻ دعوا ڪئي وئي هئي ته هي پهريون ڪيس آهي جنهن ۾ ايتري مشڪل پيش آئي آهي. پوليس پاران نينگري جي بازيابي لاءِ هر ممڪن قدم کنيا آهن جنهن ۾ سڄي سنگهرار شهر جي گهر گهر تلاشي وٺڻ سان گڏ خفيه عورتن ۽ مردن جي ٽيمن کي لاهي چيڪ ڪيو ويو آهي ۽ ڪيترن ئي ماڻهن کي شڪ جي بنياد تي گرفتار ڪري جاچ مڪمل ڪئي آهي پران جي باوجود معصوم پريا ڪماري نه ملي سگهي آهي

سنڌ سان گڏ پنجاب بلوچستان ۽ ٻين صوبن جي شهرن ۾ شڪي هنڌن تي ڇاپا هڻي جاچ ڪئي آهي پر معاملو جيئن جو تيئن آهي، پوليس موجب ڪنهن به ماڻهو جي اغوا ٿيڻ ڪانپوءِ ڪجهه ڏينهن اندر وارثن کي ڀنگ جي ڪال اچي ويندي آهي ته پوءِ پوليس لاءِ ان مغوي جي بازيابي لاءِ آساني سان ڪم ڪرڻو پوندو آهي پر ايترو وقت گذرڻ باوجود ڪا به ڪال نه ملڻ ڪري موصول ٿي آهي نه ڪنهن گروهه پوليس کان ڪنهن قسم جي ڊمانڊ ڪئي آهي.

پوليس جي اهڙي بيان ڪانپوءِ هڪ سوال اهو به آهي ته ان معاملي ڪانپوءِ تمام آيل آءِ جيز سنڌ سکر ۾ ڪيترين ئي ڳجهيون گڏجاڻيون ٿيون جن کي ميڊيا توڙي ٻين عام ماڻهن کان ٻري رکيو ويو ان گڏجاڻين جو ڪهڙو مقصد هو جو پوليس جا چيف ڪراچي کان سکر اچي ته ان کي بنا پروٽوڪول جي سکر جي ايس ايس پي آفيس توڙي ٻين آفيسن ۾ رهائي ڳجهيون ميٽنگون رکي معصوم پريا ڪماري جي بازيابي تي گهري نموني غور ويچار ڪرڻ باوجود ڪو ڪرٽيل نه نڪري ته پوءِ ڇا سمجهجي ته معصوم نياڻي ڪنهن سياسي ۽ حڪومتي ڌر جي سياسي ور چڙهيل معاملو بڻجي ويو آهي يا اڃان ڪا ٻي اهڙي ڌر ملوث آهي جتي اسان جي سرڪار بيوس بڻيل آهي

هاڻي وري سوشل ميڊيا تي اهي پڻ خبرون گردش ڪري رهيون آهن ته پريا ڪماري سنگرار شاهه جي بااثر شاهد شاهه جي حويلي ۾ قيد آهي پران ڳالهه ۾ ڪيتري سچائي آهي اها ته جاچ ڪرڻ سان ئي خبر پوندي، هوڏانهن وري الزام هيٺ آيل شاهد شاهه پاران صحافين سان ڳالهائيندي چيو آهي ته سوشل ميڊيا تي گردش ڪندڙ خبرن ۾ ڪا به صداقت ناهي سڄي سنگرار کي خبر آهي ته اٿون نياڻي پريا ڪماري جي بازيابي لاءِ ڪيتري ڪوشش ڪئي آهي ۽ انشاءَ الله جلد نياڻي وارثن سان ملندي پريا جي امڙ منهنجي پڻ ماءُ پيڻ آهي ۽ مونکي ان جي ڏک جو اندازو آهي پر سوشل ميڊيا تي هلندڙ خبرون صرف منهنجي خلاف پروپيگنڊا آهي

سکر جي سڃاڻ ڌرين پاران چيو ويو آهي ته ان معاملي ۾ حقيقت ڪجهه به هجي پر انسانيت جي ناتي معصوم پريا ڪماري جيڪڏهن سياسي يا مذهبي انتقام جو نشانو بڻي آهي ۽ ان جو شهيد ڪربلا سان عشق ڪنهن ڌر کي پسند ناهي آيو ته خدا ڪارڻ انسانيت خاطر معصوم نياڻي کي آزاد ڪري پنهنجي بي حال والدين سان ملايو وڃي ۽ سنڌ پوليس توڙي سنڌ حڪومت کي ان معاملي ڳجهين گڏجاڻين بجاءِ سخت قدم کڻڻ جي ضرورت آهي جنهن سان معصوم پريا ڪماري جي بازيابي عمل ۾ اچي سگهي پوءِ ان ۾ ڪنهن بااثر سياسي ڌر جي ملوث هجڻ جي ڳالهه هجي يا ڪنهن ملڪ دشمن توڙي مذهبي فرقا پرستي سوچ رکندڙ ماڻهو هجن سندن خلاف بي رحماڻي ڪارروائي ڪري معصوم پريا ڪماري کي بازياب ڪرائي پنهنجي گهر ڀاتين سان ملايو وڃي.

بقايا | سنڌيار | 01

اسٽيشن مڪلي جي حد ۾ جنگشاهي لڳ پرسان K_4 پروجيڪٽ جي لائين مان نامعلوم جوابدارن پاران لوهي راڊون چوري ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي پئي وڃي اطلاع ملڻ بعد پوليس واقعي واري هنڌ پهتي. پوليس جي بروقت ڪاروائي سبب چوري جي ڪوشش ناڪام بڻائي وئي. جوابدارن مان هڪ جوابدار ساجد ولد امين پالاري ولد نوري آباد جيڪو ضلعي جامشوري جو رهاڪو پيو وڃي کي گرفتار ڪيو ويو. جڏهن ته باقي جوابدار پوليس کي ڏسي فرار ٿي ويا پوليس ڪارروائي دوران K_4 پروجيڪٽ لائين مان 200 ڪلو لوهه جا راڊ ڪٽيا. 1 ٽرڪ، 1 هٿاڄي مشين، 2 موٽرسائيڪلون ۽ 2 گيس ڪٽرهٽ ڪري گ جوابدارن خلاف مڪلي ٿاڻي تي ڪيس داخل ڪيو ويو آهي. پٺي پاسي ايس ايس پي ٺٽو ڊاڪٽر محمد عمران خان جي حڪم تي سي آءِ اي پوليس ٺٽو، مڪلي، ڌابيجي، ساڪرو، جهمپير، جهرڪ ۽ گجو پوليس مختلف هنڌن تي ڪارروايون ڪندي 12 گٽڪو سامان سپلاءِ ڪندڙ/ وڪرو ڪندڙ جوابدار اڪرم پالاري، شوڪت علي شورو، نور علي عرف نورال ملاح، اظهر جاکرو، محرم عرف مارو ملاح، عصمت علي خان، علي محمد سميجو، شهباز ڪنڀار، مدثر الرحمان پٺاڻ، جليل پٺاڻ، عبدالرزاق مينگل بروهي ۽ لياقت علي مينگل بروهي کي گرفتار ڪري ورتو جوابدارن جي قبضي مان 70 هزار انڊين سفينا جا پيڪٽ 3 سو 55 ڪلو چرس، 30 ڪلو ZSP تماڪ پتي، 2 چار سو 8 (2408) پيڪٽ گهٽڪا ماوا، 2 ڪرولا ڪارون جن جو نمبر ASC_303 ۽ BNN_410 ۽ 1 سوزوڪي پڪ اپ نمبر KX_0390 هٿ ڪري جوابدارن خلاف گهٽڪا ايڪٽ تحت الڳ الڳ ڪيس داخل ڪيا ويا. ان کان علاوه ڌابيجي پوليس اسنيپ چيڪنگ آپريشن دوران ڪراچي درخشا ٿاڻي جي حد مان غلام مرتضيٰ ولد بشير احمد ولد غلام مرتضيٰ ولد بشير احمد وٽان 125 موٽرسائيڪل نمبر KPZ_8635 ماڊل 2024 قبضي ۾ وٺي محمد دائود ولد نور محمد ڪوڪر وٽان هڪ رڪشا هٿ ڪيو ويو دستاويز برآمد ڪرڻ ۽ تصديق ڪرڻ بعد، انهن کي اصل مالڪ جي حوالي ڪيو.

بقايا | سنڌيار | 02

پيڻ رضيه سان گڏجي ڪنڊڪوٽ رشتو ڏسڻ آيا هئا ڪنڊڪوٽ ڏانئين مغوين سان وارثن جو رابطو هيو بعد ۾ رابطو ختم ٿي ويو هاڻي ڌاڙيلن رابطو ڪري 50 لک پئنگ طلب ڪيس رضيه بيبي جي مڙس غلام عباس ڪمبو پاران آءِجي سنڌ ۽ وزير داخلہ سنڌ کان مغوين جي جلد

معصوم مختيا، فرزانہ بهار، شهزادو ڪانڊڙو، اياز ملاح، بختاور ماروي، فقير زوار ۽ ٻين سچل سرمست جو ڪلام ڳائي پانڊيئڙن مائٽهن کي جهومائي ڇڏيو اسٽيج سيڪريٽري جا فرائض سچل يادگار ڪاميٽي جي سيڪريٽري ناليواري براڊ ڪاسٽر اديب، شاعر مختيار ملڪ نڀايا. محفل موسيقي ۾ سچل جي راڳين سلامت سهراب فقير، رجب فقير، صنم ماروي، سيد وزير علي شاه ۽ ٻين سنگ جي صورت ۾ جنهن دل پيتا عشق جا جام سادل مستو مست مدام ڳائي ٻڌندڙن تي وجد طاري ڪري ڇڏيو سچل سرمست جي روحاني، آفاقي، الستي، پيار محبت ۽ انسانيت واري پيغام کي وڌيڪ بهتر نموني عام ڪرڻ بابت زور ڀريو ويس خيرپور: سچل سرمست عرس مبارڪ جي موقعي تي سچل يادگار ڪاميٽي ۽ سنڌ اسپورٽس بورڊ جي گڏيل سهڪار سان ملھ ملاکڙي جا مقابلا پڻ ٿيا. ملاکڙي واري تقريب انتظام ملھ پهلوان عبدالقادر ميتلو ڪيو هو ملاکڙي ۾ مهمان خاص ميمبر سنڌ اسمبلي نعيم احمد کرل، اگڙتو ميمبر سنڌ اسيمبلي پير سيد بچل شاهہ هئا. جڏهن ته ڊپٽي ڊائريڪٽر اسپورٽس سکر ريجن مير محمد ڪلهوڙو. ملاکڙي ۾ سخت مقابلي بعد پهرين پوزيشن محمد صديق بگٽي، بي پوزيشن غلام شبير شنباڻي، ٽين پهلوان عنايت علي ميتلو حاصل ڪئي.

بقايا | سنڌيار | 08

ڪان ريلي، مظاهرو، تفصيل موجب ميرپورماٿيلو ۾ معصوم پريا ڪماري جي بازيابي لاءِ مختلف سياسي سماجي تنظيمن ترجمان اتحاد. لاشاري اتحاد. شهرين، سول سوسائٽي جي مائٽهن پاران ڊسٽرڪٽ هيڊ ڪوارٽر پريس ڪلب ميرپورماٿيلو کان ريلي ڪڍي شهر جي مختلف روڊن رستن جو گشت ڪري پڌائي چوڪ آڏو مظاهرو ڪيو ويو ۽ ڪارڪنن پريا ڪماري جي بازيابي ۽ موجوده حڪومت خلاف سخت نعريبازي ڪئي ان موقعي تي اڳواڻن وحيد سنڌي، نديم ملانو، علي رضا لاشاري ٻين چيو ته 32 مهينا اڳ سنگرار مان اغوا ٿي ويل معصوم پريا ڪماري کي جلد بازياب ڪرائي اغوا ۾ ملوث جوابدارن خلاف سخت قانوني ڪاروائي ڪئي وڃي ٻي صورت ۾ احتجاج جو دائرو وڌايو ويندو...

بقايا | سنڌيار | 09

نعيم ڪيڙو، حڪيم پالاري، يعقوب نوناري ، ٻين منهنجي پٽ گلزار بومڪي کي 18 مارچ جي ڏينهن گرفتار ڪري گهر ڪري ڇڏيس آهي جيڪو اجا تائين پرليس وٽ آهي. هن ٻڌايو ته سندس پٽ رڙهي گاڏي تي فروٽ وڪرو ڪري پڃن جو پيٽ گذر ڪندو آهي ۾ هنڙي پوليس بنا جواز ڪنهن جي چرچ تي گرفتار ڪري گهر

...پنهنجي حصي وڌائڻ لاءِ سنڌ جي زمينن ۽ قدرتي وسيلن کي سوديبازي طور استعمال ڪري رهي آهي، جيڪا ڳالهه سنڌ جي عوام ڪنهن به صورت ۾ قبول نه ڪندو. اسان سنڌي عوام کي خبردار ڪريون ٿا ته اڃوته سجاڳ ۽ متحد ٿي پنهنجي وطن جي وسيلن کي بچايون جيڪي اسان جي ايندڙن پيڙهين جو اثاثو آهن جي اڳواڻن مدا خان لاشاري، گهڻور خان زئور، رزاق چانديو سان گڏ پريس ڪلب ٺٽو ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي چيو ته پاڪستان پيپلز پارٽي طرفان سنڌ جي زمينن ۽ ٻين قدرتي وسيلن کي جنهن رفتار سان تيزي وال ڪيو پئي وڃي. ان ۾ نئين حڪومت اچڻ شرط تيزي اچي ويئي آهي

...ٽائون پاران چاڻايل ٽيڪو 24 ڪروڙ ۾ ڏنو آهي اگر ڪي ايم سي. گڏاپ ٽائون جي جانورن واري ٽيڪس واري ٽيڪي تي قابض ٿي ته گڏاپ ٽائون جو عوام مسئلن جي ورچڙهي ويندو ۽ ٽائون ۾ ڪنهن به قاسم جو ترقياتي ڪم نه ٿيندو. ويتر ادارو خساري ۾ ويندو ملازمن کي پگهارون به نه ڏئي سگهندا سي ٽائون چيئرمين طارق عزيز بلوچ وڌيڪ چيو ته رات جي اونداهي ۾ ڪي ايم سي جي سيڪيورٽي عملي کي ساڻ ڪٺي سپرهاءِ وي تي قائم جانورن جي ٽيڪس منڊي تي قبضي جي ڪوشش ڪئي جيڪو عمل انتهائي غيرقانوني آهي هن چيو ته اهڙي عمل خلاف پاڪستان پيپلزپارٽي جي مرڪزي قيادت، صوبائي وزير بلديات سعيد

آفيس آف دي ايگزيڪيوٽو انجنيئر
هاءِ ويز ڊويزن ڪشمور ايٽ ڪنڌڪوٽ

Phone: 0722/2573773, No.XEN:(HWs)/TC/ /2024
Kash:@K.kot Dated: 26/03/2024

تصحيح

حوالو نمبر NIT نمبر XEN(HWS)TC/47/2024 ڪشمور ايٽ ڪنڌڪوٽ تاريخ 06.03.2024 جي حوالي سان هيٺ ڏنل پڙهي سگهجي ٿو:

گذريل پنجن سالن دوران اسڪيم / پروجيڪٽ جي برابر لاڳت کان گهٽ نہ هجي اوسط سالياني مالي واپار.

ڪم جي ساڳي نوعيت جو تجربو (گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڪم 80 سيڪڙو جو تخميني لاڳت يا ٻہ ڪم 50 سيڪڙو تخميني لاڳت جي) گذريل پنجن سالن دوران عمل ڪيو ويو.

NIT جو شرط نمبر: 5 (ڊي) دستاويزي ثبوتن سان گڏ هاءِ ويز جي جاري ڪمن جي لسٽ طور پڙهي سگهجي ٿو.

عيد جون موڪلون متوقع آهن. جمع ڪرائڻ ۽ کولڻ جي تاريخ ايندڙ ڪم واري ڏينهن تي پڙهي سگهجي ٿي.

ايگزيڪيوٽو انجنيئر
هاءِ ويز ڊويزن
ڪشمور ايٽ ڪنڌڪوٽ

INF/KRY#856/2024

پڙهندي سنڌ تہ... وڌندي سنڌ